
# اُماس راتيون اُداس رستا

## فهميده شرف بلوچ

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**






اُماس راتيون، اُداس رستا www.sindhsalamat.com

**ڪتاب نمبر 25 (سلور جوبلي)**

**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

| | |
|---|---|
| **ڪتاب جو نالو:** | **اُماس راتيون، اُداس رستا** |
| **موضوع:** | **شاعري** |
| **شاعره:** | **فهميده شرف بلوچ** |
| **ڇاپو پهريون:** | **آگسٽ 2016ع** |
| **ڪمپوزنگ:** | **منو مل ميگهواڙ** |
| **ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ:** | **شاهزيب ميمڻ** |
| **ڇپيندڙ:** | **سمبارا پبليڪيشن** |

**سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد**

03003513966

**مُلھ: 300 روپيا**

***UMAS RATYON, UDAS RASTA***

***(Poetry)***

***Poet By: Fehmida Sharaf Baloch***

***Sambara Publication Hyderabad***

***03003513966***



## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(303)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”اُماس راتيون، اُداس رستا“** شاعره **فهميده شرف بلوچ** جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي. ساجد سنڌي لکي ٿو:

”فهميده شرف جي شاعري ۾ داخلي ڪيفيتن جي اپٽارڇڻ تہ ٽڪاوٽ سان ڇور، بند گهٽيءَ ۾ قاتل مسافر جهڙي ئي لڳي ٿي، پرفهميده شاعريءَ ۾ پنهنجي پناهگاهہ جوڙي درد، هجرۀ اوسيئڙي جو اهڙو تہ جهان جوڙيو آهي جو جڻ تہ هن سٽ سٽ ۾ پنهنجي سريرجو سڄو پوئي پوڳنائن سان اٽُٽ رشتو جوڙيو هجي.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪشن حيدر آباد** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست **ساجد سنڌيءَ** جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، مهرباني ادي فهميده شرف جي جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وسڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

**books.sindhsalamat.com**

# سٿاءُ


| | | |
|---|---|---|
| 1. پبلشر نوٽ | ساجد سنڌي | 06 |
| 2. پنهنجي پاران | فهميده شرف بلوچ | 08 |
| 3. هڪ جهڙي درد جا وارث | عجيبان بلوچ | 13 |
| 4. مهاڳ | ايوب ڪوسو | 15 |
| 5. غزل | | 35 |
| 6. وايون | | 87 |
| 7. گيت | | 117 |
| 8. بيت | | 135 |
| 9. ترائيل ۽ "ڏيڍ سٽا" | | 145 |
| 10. نظم ۽ آزاد نظم | | 155 |
| 11. چوسٽا | | 171 |




## پبلشر نوٽ

سنڌي ادب ۾ ڪلا ڪيترجا گل هميشہ پاڻمرادو فطري سونهن ۾ منفرد مهڪ سان واسجي پنهنجوحقيقي مقام ماڻيندا رهن ٿا، خاص طورموجوده دورِ۾ سنڌي شاعرائن جي ڳاڻيٽي ۾ جيتوڻيڪ ڏينهون ڏينهن واڌ ايندي پئي رهي، جيڪو پڻ هڪ سٺو سنوڻ آهي، پر افسوس ان ۾ اڪثريت پاڻي جي قوتي جيان ثابت ٿي آهي، فڪر انگيزي، ثابت قدمي ۽ بردباري ڪان اڻچاڻ احساس ڪمتريءَ جي سوچ ۾ مبتلا اهڙا گل مرجهائڻ ۾ بہ ويرم ناهن لڳائيندا پر ڪي گل پنهنجي فطري حسن ۽ تازگيءَ جي احساس سان پنهنجي ذات ۾ ڏانءَ آڏارزندگيءَ جي ڪٺن پيچرن تي هلندي بہ ساڳي ئي رمز ۾ نہ فقط حساس دلين جو ترجمان بڻجن ٿا پرپنهنجي منفرد مهڪ سان ان ماحول کي بہ واسي ڇڏين ٿا جتي زندگي ڪڏهن ڪڏهن بند گهٽيءَ ۾ قاتل محسوس ٿيڻ لڳي. اهڙي ئي گلستان جو هڪ گل " فهميده شرف بلوچ " بہ آهي، جنهن جي شاعري ۾ داخلي ڪيفيتن جي اپٽارجڻ تہ ٽڪاوٽ سان چور، بند گهٽيءَ ۾ قاتل مسافر جهڙي ئي لڳي ٿي، پرفهميده شاعريءَ ۾ پنهنجي پناهگاهہ جوڙي درد، هجرِ ۽ اوسيئڙي جو اهڙو تہ جهان جوڙيو آهي جو جڻ تہ هن سٽ سٽ ۾ پنهنجي سريرجو سڄو پوئي پوڳنائن سان اڻٽٽ رشتو جوڙيو هجي.

**ڪا ياد ائين دل کي هر روز ٿي پئي گهائي،**
**ٽانڊن تي رکيون جڻ ڪنهن چمپاجون ڪليون آهن.**

فهميده شرف بلوچ جو شمارگذريل ٿن ڏهاڪن کان مسلسل لکندڙ انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترين سنڌي شاعرائن ۾ ٿئي ٿو، جن جو قلمي پورهيو سنڌي ادب جو وڏو اثاثو آهي، اها ٻي ڳالهه آهي تہ پنهنجي ٿهيءَ جي صف اول جي شاعره هئڻ باوجود فهميده شرف بلوچ کي اها مڃتا نہ ملي سگهي آهي، جنهن جو هوءَ حق رکي ٿي. شايد ان جو وڏو سبب ڊگهي عرصي کان سندس هزارين اسم مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ اشاعت باوجود سندس قلمي پورهيو ڪتابي شڪل ۾ نہ اچڻ بہ رهيو آهي، توڙي جو سندس پيٽ ۾ رات پيٽ اندر ٻڻجندڙ شاعرائون ڪتاب اچڻ بعد عظيم شاعرائن جا لقب بہ ماڻي وٺن ٿيون. سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد اهڙي روايت کي ٽوڙيندي فهميده شرف بلوچ جو پهريون شعري مجموعو ”اماس راتيون اداس رستا“ اوهان جي هٿن تائين رسائي نهايت ئي سرهائي محسوس ڪندي اها اميد ٿا ڪريون تہ اسان جي هي ڪوشش ضرور رنگ لائيندي ۽ مڃتا کان محروم اهڙن ٻين ليکڪن کي بہ سندن حقيقي مقام ملڻ جا بہ رستا هموار ٿيندا.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**



پنهنجي پاران

## شاعري منهنجو عشق آهي... !

ماڻهو سوال ڪندا آهن تہ ”شاعري ڪيئن ٿيندي آهي؟“

اهو سوال الائي ڇو مون کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي بلڪہ شاهہ سائين چواڻي واڳون ٿي ورندو آهي، سيني اڳيان دل جو ڪتاب کولڻ ايترو سولو ناهي، پنهنجي ڏکن کي لفظن جو روپ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي.

لکڻ پڙهڻ سان رشتو تمام پراڻو رهيو آهي جڏهن کان هوش سنڀاليو، تڏهن کان ڪتابن کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪيو، منهنجو بابا سائين لکڻ پڙهڻ جو انتها حد تائين شوقين هو، پڙهڻ کان سواءِ منهنجي بابل کي ننڊ ئي نہ ايندي هئي، بابا جي انهن ڪتابن جي عشق ئي مون ۾ پڙهڻ جي عادت وڌي، چوٿين ڪلاس ۾ مون امر جليل، جمال ابڙي، الطاف شيخ، سندري اتم چنداڻي، ڪرشن چندر، پوپٽي هيرانندڻي کي پڙهيو، پڙهندي پڙهندي لکڻ شروع ڪيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي، جيستائين زندگيءَ وفا ڪئي جاري رهندو ايندو، مان لکڻ کانسواءِ نہ ٿي رهي سگهان، هي سفر شاعريءَ جو سفر ناهي پر منهنجي ڏکن جو هڪ نہ ڪٽندڙ سفر بہ رهيو آهي، جيڪو پڻ زندگيءَ جيترو ئي ايذائيندڙ ۽ ڪٺڻ آهي، لکڻ لاءِ گهڻو قربانيون ڏيڻون پيون، هزار مخالفتن کي منهن ڏيڻو پيو، زهر ۾ ٻڏل ۽ ترار جهڙي تکا لفظ منهنجي دل کي ڦٽيندا رهيا ۽ منهنجو روح ڇڻ ڪندڻ تي رهڙجي پيو هو، ان ڏکئي سفر ۾ امڙ، ڏاڏي ۽ بابا هميشہ جيان مون کي همٿايو، حوصلو ڏنو، وقتي طور پير ٿڪيا ضرور مگر رُڪيا هرگز نہ، ڏکن هميشہ منهنجو حوصلو

وڏايو.

جيڪڏهن مون کي ڪوئي ائين چوندو آهي تہ ”فهميده! لکڻ ڇڏي ڏي“ تہ مون کي ائين لڳندو آهي جڻ چوندا هجن تہ ”فهميده! هاڻي جيئڻ ڇڏي ڏي“، مان لکڻ ڇڏي ڏيان اهو منهنجي لاءِ ممڪن ناهي، زندهہ رهڻ لاءِ جيئن هوا، پاڻي، غذا ۽ روشني ضروري آهن، منهنجي لاءِ انهن سان گڏوگڏ لکڻ بہ تمام ضروري آهي. شاعري منهنجو ساهہ آهي، منهنجي جيئڻ جي هڪ اهم وجهہ بڻجي وئي آهي، شاعري منهنجو عشق آهي ۽ عشق نالو ئي برداشت جو آهي، مون کي پنهنجي شاعريءَ جي عشق لاءِ هزارين تڪليفون سهڻيون پيون، اسان جي سماج اهو اهو الميو رهيو آهي تہ دل ڏکائڻ جو ڪو وار خالي نہ ڇڏيو ويندو آهي، جتي وارو مليو پورو حساب ڪتاب ورتو ويندو، ماڻهو دشمنيءَ کي اولاد وانگر پالي وڏو ڪندا آهن ۽ پنهنجون زندگيون ان پويان وڃائي ڇڏيندا آهن، پوءِ بہ دل کي تسڪين نہ ملندي اٿن.

لکڻ جي هن ڪامياب سفر ۾ منهنجي بابا سان گڏ منهنجي امڙ جو بہ اهم ڪردار رهيو آهي، جيڪا خود تمام سٺي ڪهاڻيڪاره آهي، منهنجي ڪاميابين جو اصل ڪارڻ منهنجي امڙ جيجل آهي، جنهن جي هٿن هميشہ پورهيو ڪري مون کي ۽ ادا کي پاليو، امڙ جي هٿن تي پيل ڦينچيءَ جا نشان مون کي پنهنجي دل تي محسوس ٿيندا آهن، مان هميشہ شاعري پنن تي لکي پوءِ اهي پنا ڪٿي وساري ويهندي آهيان، امي اهي سنڀالي رکندي آهي، منهنجي بي ترتيب زندگيءَ کي ترتيب ڏيڻ واري منهنجي امڙ آهي، ان جي دل منهنجي سيني ڏکن کي پناهہ ڏني آهي، مون کي پنهنجن جي سهارن ڪڏهن بہ جهڪڻ يا ڪِرڻ نہ ڏنو آهي ۽ هزار مخالفتن باوجود لکڻ لاءِ اتساهيو، گهر ڀاتين ۾ ڏاڏي امي بہ تمام گهڻو همٿايو، ڪڏهن ڪنهن مخالفت بہ ڪئي هوندي تہ منهنجي حمايت ڪندي هئي، منهنجي ڏاڏي جو مون ۾ ساهہ هوندو هو، ائين اوچتو ان جو وڇوڙو جيءُ ڏکوئي ويو، مٿان وري ننڍي ڀاءُ آصف جي جدائي مون کي صفا جُهوري وڌو. ان جي ڪمي زندگيءَ جي وک وِک تي محسوس





ٿيندي آهي، هر وقت ان جي تصوير اکين اڳيان ڦرندي آهي ۽ اکڙيون رت جا ڳوڙها روئنديون آهن.

پير ڳوٺ جي سخت ماحول ۾ بابا مونکي پاڻ مشاعرن ۾ وٺي ويندو هو ۽ بابا منهنجي شاعري شوق سان پڙهندو هو، باقي ڀين تہ وک وک تي رستي ۾ ڪنڊا ۽ ڪاوا وڇايا، پيرن سان گڏ دل بہ زخمي ٿي ۽ دل جي ان تڙپ ۽ ايذاءَ شاعريءَ جو روپ ورتو جيڪي منهنجي لاءِ ذهني سڪون جو باعث رهيو آهي، ڏات سهيلي بڻجي منهنجو ساٿ ڏنو ۽ مون ڪڏهن پاڻ کي اڪيلو نہ سمجهيو. قلم ۽ ڪاڳر منهنجي رات جي اوجاڳن ۽ ڳوڙهن جا گواهہ آهن، منهنجي زندگيءَ جا ڏک منهنجي طاقت بڻيا.

منهنجي شاعريءَ جي سفر ۾ پياري بابا آٿم ناٿن شاهيءَ جو بہ وڏو هٿ رهيو آهي جن هميشہ منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ سڀي ڏيءَ جيتري اهميت ڏني، منهنجي دل بہ سدائين بابا کي اهائي عزت ۽ اهميت ڏني، بابا جو خلوص ۽ محبتون وسارڻ جهڙيون ئي ناهن، جڏهن بہ لياري بابا سان ملڻ ويندي هيم تہ بابا ٻارن جيان خوش ٿيندو هو، منهنجو بابا هميشہ دروازي تي بيهي منهنجو انتظار ڪندو هو، بيماريءَ مان بيزار ٿي جڏهن بہ مرڻ جون ڳالهيون ڪندو هو، تڏهن جيترو وقت بہ اتي هوندي هئس، اکين مان ڳوڙها نہ بيهندا هئا. مان ۽ بابا سدائين ان ڳالهہ تي وڙهي پوندا هئا سين تہ بابا تون دنيا تي بار تہ ناهين جو پاڻ کي ائين ٿا چئو، الله سائين توهان کي وڏي زندگي ڏي....

آخري ملاقات ۾ آخري پيرو بابا جا چيل لفظ اڄ تائين منهنجي ڪنن ۾ گونجندا آهن ۽ هن وقت لکندي بہ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها آهن، منهنجي مٿي تي هٿ رکندي انتهائي ڏکاري انداز ۾ منهنجي امي کي مخاطب ڪندي چيو هيائين ”اِمان مان هاڻ وڃڻ وارو آهيان، منهنجي هي ڏيءَ توهان وٽ امانت آهي، منهنجي ڏيءَ جو وڏ ۾ وڏ خيال رکندا ڪيو“. بابا آٿم جون بي لوث محبتون رت جا ڳوڙها رئارن ٿيون، بابا آٿم جون يادون منهنجي ساهہ ۾ سانڍيل هونديون آهن، بابا ۽ مان مثالي پيءُ ڌيءَ هياسين، مان هميشہ چوندي

هيم تہ منهنجو بابا منهنجي سهيلي آ جڻ، سڀ چوندا هئا هيءَ تہ بابا آڻم جي ديواني آهي ۽ مون کي ان ڳالهہ تي فخر آهي تہ مان واقعي پنهنجي بابل جي ديواني هئس، هي صرف هڪ لفظي رشتو نہ هيو، مون هميشہ بابا آڻم کي حقيقي پيءُ جيتري اهميت ڏني، مان پنهنجي بابا جي لاڏلي ڌيءَ هئس ۽ آهيان ۽ هڪ سٺي شاگرد پڻ.

منهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو ڏک اهو بہ آهي تہ پنهنجي رت جي رشتن هميشہ اسان جو رت پيتو ۽ اسان جي غربت جو اهڙو تماشو بڻايو جنهن جي اذيت مون کي مرڻ گهڙيءَ تائين رهندي، زخم مٿان زخم ڏيئي پوءِ لپون پيري لوڻ هاريندا رهيا، دل ڏکوئڻ انهن جي فطرت ۾ شامل آهي.

اهي زخم ڀرجڻ جا ناهن، اسان ساده دل ماڻهو آهيون ۽ هنن سراپا سور بڻائي ڇڏيو، بابا جي وفات کان پوءِ خبر پئي تہ يتيميءَ جو درد ڇا ٿيندو آهي؟ زندگيءَ جي تتل اُس ڪيئن ساڙيندي آهي، ڪيئن پنهنجن جا هٿ پٿر وسائي رتورت ڪندا رهيا، دل ٽُٽندي رهي، اکيون وسنديون رهيون، هو کلندا رهيا، امرتا پريتم پنهنجي ڪتاب ”محبت ناما“ ۾ منهنجي دل جي ترجماني ڪندي امروز کي لکيو تہ ”اڄ شت روگا جي ميلي ۾ نظم پڙهڻ وقت ماڻهن جيڪو پيار ڏنو، ان سان اکيون ڀرجي آيون، امروز! پنجاب سڄي عمر بي عزتي برداشت ڪرڻ جي عادت ڏيئي ڇڏي آهي، ان ڪري پرديس ۾ هن نئين شيءَ کي حاصل ڪري ڏاڍو عجيب لڳي رهيو آهي“.

مون سان بہ ڪجهہ اهڙو ٿيو، پنهنجي سرزمين کان پري رهڻ پيو وڏو ڏک آهي، مون کي پنهنجي شهر پير ڳوٺ جي انچ انچ سان عشق آهي، ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ جي مجبوري نہ هجي ها تہ جيڪر هڪ لمحي ۾ اڏامي پنهنجي ديس وڃان ها، پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ ساهہ سڪندو آهي، روزانو پنهنجي ڌرتيءَ کي ساريندي دل پرزا پرزا ٿئي ٿي، منهنجي روح جا ڦٽ ۽ پيرن جا ڇالا ڪنهن ڪونہ ڏٺا آهن، ڇو تہ مون هميشہ پنهنجي ڏکن کي مرڪن جي ريپر ۾ ويڙهي رکيو آهي.

ليڪن مان پوءِ بہ خوش آهيان، ان ڪري جو مون کي



پنهنجي پڙهندڙن وٽان ڀرپور محبتون مليو آهن، جيڪي منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهن، پنهنجو تخليق پنهنجي پڙهندڙن تائين پهچائيندي مان تمام گهڻي خوشي محسوس ڪندي آهيان، بدلي ۾ ايترو مان ملڻ پنهنجي خيال ۾ اهو مهانگو سودو ناهي، نہ تہ ڏنو وڃي تہ اڄڪلهہ ذاتي ڏيٺ ويٺ ۽ ظاهري حيثيت کي ڏسي مڃتا ڏني وڃي ٿي جيڪو پئسي جي لحاظ کان جيترو طاقتور هوندو ان جو نالو اوترو ئي اڳتي هوندو آهي، ائين هجڻ نہ کپي، اسان زندگيءَ ۾ ئي اها مڃتا ڏيون جن جو کو حقدار آهي بعد ۾ تعريفن جا انبار لڳائڻ مان کهڙو فائدو.

منهنجي شاعريءَ جي پهرين ڪتاب ” اماس راتيون اداس رستا“ توهان تائين پهچائڻ ۾ جن محترم هستين سڏي يا اڻ سڏي طرح مون سان سهڪار ڪيو ۽ همٿايو انهن سڀني جي دل سان ٿورائتي آهيان، مان پنهنجن جي ان قرب جي هميشہ قرضدار رهنديس.

محترم ايوب کوسي جي احسانمند آهيان جنهن منهنجي ڪتاب جو دل سان مهاڳ لکيو، محترم سائين نصير مرزا ۽ پياءُ عاشق نظاماڻيءَ جا بہ ٿورا جنهن پنهنجي قيمتي راءِ سان نوازيو.

خاص طور تي ٿورائتي آهيان ساجد سنڌيءَ جي، جنهن پروچڪي اک ڏيکاريندي باقائده وڙهي جهيڙو ڪري چڻ تہ پنهنجي داداگيري سان مون کان ڪتاب جو مواد ورتو،مهرباني ساجد!.

آخر ۾ اهوئي چونديس تہ جنهن پيار ۽ پاٻوهہ سان مون هي شاعري سرجي آهي، اميد تہ توهان بہ ان کي اهڙي ئي پاٻوهہ سان پڙهندا ۽ پنهنجي راءِ جو اظهار ضرور ڪندا، ڇو تہ توهان سڀن جي راءِ منهنجي اکين تي هوندي، پنهنجي پڙهندڙن جي راءِ منهنجي لاءِ محترم هوندي. پنجتن پاڪ جي صدقي ۾ توهان سڀن کي دعا تہ خدا اوهانکي خوش ۽ آباد رکي ۽ سواءِ غم حسين جي کو غم نہ ڏئي.

**فهميده شرف بلوچ**

## هڪ جهڙي درد جا وارث

مون کي جڏهن لکڻ جي لاءِ چيو ويو تہ فهميده جي شاعري جي حوالي سان ٻہ سٽون لکي ڏيان تہ ان وقت ائين لڳو جڻ پنهنجي اولاد جي حوالي سان لکڻ لاءِ مون کان جڻ تہ ڏات رسي وئي هجي، جيڪڏهن تعريف ڪنديس تہ چوڻ وارا ان کي ماءُ ۾ ڏيءَ جي حوالي سان وڏاءُ نہ سمجهن پر مان فهميده کي ان ڏينهن کان سڃاڻان جڏهن هُن دنيا ۾ پهريون پيرو اکيون کوليون تہ شايد پهرين نظر ان جي پنهنجي جيجل تي ئي پئي هوندي ۽ ائين ئي اهو ننڍڙو وجود منهنجي لاءِ قدرت جو تحفو هو، ٽن سالن کانپوءِ قدرت طرفان هڪ ٻيو تحفو آصف علي ان گهر ۾ پنهنجيون سهڻيون اکيون کوليون ۽ وري ٽن سالن بعد قدرت نجمہ صنوبر جهڙي خوبصورت تحفي سان نوازيو، اهڙي طرح ڏکايل زندگي اولاد جي خوبصورتيءَ ۾ اهڙي طرح رنگجي وئي جو دنيا جي ڏکن جو ڪو بہ احساس نہ رهيو تہ ڏک بہ ڪنهن شيءِ جو نالو آهن. نجمہ صنوبر تہ 10 ڏينهن پنهنجي امڙ جيجل سان رهي دنيا مان موڪلائي مون کي پيهر ڏکن جي يادگيري ڏياري ڇڏي.

بس زندگي گذرندي رهي ۽ منهنجو غزالي اکين وارو آصف علي (پنهل) مون کي سترنهن سالن جي عمر ۾ جدائي جو اهڙو تہ ڏک، سور ۽ عذاب ڏئي ويو جنهن کي لفظن ۾ بيان نٿي ڪري سگهان، اسان ٻنهي يعني فهميده (گل) ۽ مون کي ڏکن جي انهي سمنڊ ۾ اڇلائي ويو جو آئون روز پئي مران، پنهل موٽي آ، جتان ڪو بہ نہ موٽيو آ، انهن سڀني شين جو تاجي پيتو ميڙي گڏ ڪجي تہ بس



گل جي شاعري ۾ ان جي امڙ جي ڏکن جي شاعري آهي باقي فهميده جي شاعريءَ ۾ مون کي هڪ لفظ ”موت“ بلڪل بہ نہ وڻندو آهي، فهميده گل جي اهڙي ڪيتري ئي شاعري مون ضايع ڪرائي ڇڏي جنهن ۾ هن ”موت“ لفظ استعمال ڪيو هو، ڇو تہ موت مون کي تمام گهڻا ڏک ڏنا آهن.

فهميده جي استاد محترم بابا آٿم ناٿن شاهي آخري ملاقات ۾ مون کي مٿي تي هٿ رکي وصيت ڪئي هئي تہ ”امان فهميده منهنجي امانت اٿئي، منهنجي امانت جي پارت اٿئي.“ مون ڪلندي وراڻيو ”بابا اوهان پنهنجي امانت کي پاڻ سان گڏ ڪيو.“ فهميده جي شاعري جي حوالي سان اهو ئي چونديس تہ سندس هر سٽ ۾ درد مونکي پنهنجو درد لڳندو آهي، فهميده لاءِ دعا ڪندا ۽ سڀني کي التجا تہ ڪيس دعائن ۾ هميشہ ياد رکندا.

**فهميده سان گڏ اوهان سڀني جي امڙ**
**عجيبان بلوچ**

مهاڳ

# وجدان مان اُسريل حُسناڪ شاعري

ساهه کڻندڙ تاريخي حقيقت اها آهي تہ جيڪي قومون چُپ رهي، پنهنجا زخم چٽيندڙيون آهن، اُهي لُڙ ۾ لُڙاتجي برباد ٿي وينديون آهن، پر جيڪي قومون پنهنجي زخمن کي پنهنجي رُتبن کي شاعري ۽ ادب ۾ تبديل ڪنديون آهن، اُهي سدا بهار بڻجي وينديون آهن. ادب چرچو ناهي، ادب زندگيءَ جو تحفو آهي. ويجهڙ ۾ ڏسڻ ۾ اهو آيو آهي تہ سنڌي ادب گمنام ۽ مُرده ڪتابن جو قبرستان بڻجي رهيو آهي! وڏي تعداد ۾ اهڙا ڪتاب ڇپجن پيا، جيڪي پيدا ٿيندي ئي مري وڃن ٿا. انهن مان ڪو لاڀ ملڻ تہ پري رهيو، پر ڪٿي انهن مرحومن جو ذڪر بہ نٿو ٿئي. انهن ڪتابن تي لکيل اسان جي سڄڻن جا نوٽ ۽ تاثر بہ ڪتبا بڻجي وڃن ٿا!

اهو وڏو الميو آهي. مون کي اِها بہ سُڌ آهي تہ سنڌي قوم چُپ ٿي پنهنجا زخم چٽڻ واري قوم ناهي، هُن هميشہ تاريخ سان اکيون ملائي پوءِ ساهه کنيو آهي! پوءِ هِي بحران ۽ جُمود ڇو پيدا ٿيو آهي؟ سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ اردو ٻولي جو ادب اڄ بہ سنجيدگيءَ جي ڇانوءَ هيٺ ساهه کڻي پيو، پر اسان غير سنجيدگيءَ جي بيابان جي اُس ۾ ٻيٺا آهيون! ٻي طرف جي حقيقت ۾ جهاتيءَ پائجي ٿي تہ اهو چٽو ظاهر آهي تہ سنڌ شاعريءَ جي انفراديت اها ئي آهي تہ اُها هڪ ڌرتيءَ جي شاعري هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿي، جنهن جو ڪلاسڪ بہ پاڙيارِيءَ جي سِر تي ٻيلهڙو ڪڻڻ سان شروع ٿئي ٿو ۽ وطن کي وسارڻ جي ٻي واس نقطي کي ”حيف“ جي نظريي ۾ نروار ڪري ٿو. اردو شاعريءَ جي ڪمال ڪان ڪو بہ انڪار ناهي، پر اردو شاعريءَ



جي گهٽائي ۾ وڃي ڳولبو تہ اُن ۾ ڪا زمين ڪا ڌرتيءَ شايد ئي نظر اچي.! باقي احساسن ۽ نفسيات جي آسمانن تي اُڏارن جي انتها اردو شاعريءَ ۾ عروج جو درجو رکندڙ حقيقت آهي. ان ڏکي بحث کي پاسيرو رکي هتي نوجوان شاعره فهميده شرف بلوچ جي ڪتاب ”اُماس راتيون اداس رستا“ تي احساسن جي اپٽار بنيادي مقصد آهي. هِيءُ ڪتاب خوبصورت تخليقي نواڻ ۽ شاندار تخليقي سنجيدگيءَ جو نرالو مثال ۽ نئون آرس آهي، انفراديت جو ساکي آهي.

مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ 1992ع ڌاري اسان واريءَ نئين کيپ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي عشق سان داخل ٿي هئي. اهو دؤر ٻن اهم حقيقتن ۾ نشانبر هو. هڪ حقيقت اها تہ سنڌ لساني فسادن جي باهه ۾ ٻريل هئي. اُهي اثر اسان تي بہ پيا هئا. ٻي حقيقت اها سامهون هئي تہ جنرل ضياءُ الحق جي موت سان ان جو وحشيءَ دؤر پڄاڻي تي پهتو هو ۽ انڌيءَ منڍي جمهوريت جا ڳيل هئي، جنهن ڪري جديد سنڌي پرنٽ ميڊيا اسان جي حوصلا افزائي لاءِ موجود هئي. هِن قافلي ۾ فهميده شرف اسان جو حصو هئي. هُن جي شاعريءَ ۾ توجهہ ڇڪائڻ جا سمورا عنصر موجود هئا، توڙي جو هن تمام گهٽ پئي لکيو، ٿيو ائين جو پذيرائي ملڻ واري وقت ۾ هوءَ پاسيري رهجي وئي. هوءَ مڃتا جي لائق هئي/آهي، پر هن اوچتو گمنام جيان پئي وقت گهاريو، حد تہ اها بہ رهي آهي جو ڄاڻي واڻي بہ هن کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ٿي آهي. سچ اهو آهي تہ هوءَ ڪافي اهم ۽ مٺيريءَ سڄاڻ شاعره آهي، بلڪہ آئون تہ ايئن چوندس تہ سنڌي جديد شاعريءَ ۾ ڪل ڏهہ ڪن شاعرائون مس مڪمل تخليقي شاعرائون آهن، جن ۾ فهميده بہ هڪ آهي. دير سان ئي سهي پر هُن جو هيءُ پهريون شعري مجموعو نروار ٿيو آهي، جيڪو اهو طئي ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابت ٿيندو تہ فهميده ڪيتري اهم شاعره آهي.

مهاڳ لاءِ سامهون آيل فهميده شرف جي شاعريءَ کي پڙهي آئون سچ تہ حيران ٿيو آهيان. ڪيئي هرويرو ڪچندڙ شاعريءَ ۾ نالا

هُن جي شاعريءَ آڏو ڏاڍا غير اهم ٿا لڳن. فهميده جي شاعري اهم ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جو حُسناڪ حصو آهي. هُن جي شاعريءَ جي معصوميت ۾ گهرائي هُن کي سڀني کان منفرد ڪري بيهاري ٿي. آئون ائين به چوڻ چاهيندس ته هو سنڌي شاعرائن ۾ سڀ کان وڌيڪ بيباڪ شاعره آهي. هُن مڪمل وجد سان پنهنجو اظهار وائکو ڪيو آهي، اهڙو اظهار گهٽين شاعرائن ورلي اظهاريو آهي. اها منفرد جرئت هُن جي اهم خوبيءَ آهي. اِها بيساختگيءَ هُن جي شاندار شاعريءَ جو اهم جُز به آهي.

شاهه لطيف تي لکيل پنهنجي اپياسي ڪتاب ”سُهائي سُپرينءَ جي“ ۾ اهو لکيو اٿم ته : ڪنهن سنڌي شاعره عورتاڻي ڪيفيتن، حساسيت ۽ احساسن تي ڪو هڪ به شعر ناهي لکيو، جهڙا بيت پٺائي عورتاڻي احساس ۾ لکيا آهن! حقيقت اها آهي ته فهميده جي شاعريءَ پڙهي آئون پنهنجي ان راءِ تي نظرثاني لاءِ مجبور ٿيو آهيان، مون شروع کان ئي سنڌي شاعريءَ ۾ احساس جي انتها ئي کي تلاش ڪيو آهي، اڪثر ناڪامي به ملي آهي، ڇو جو تمام گهٽ شاعرن احساس جي انتها تائين رسائي حاصل ڪئي آهي. اها خوشيءَ جهڙي حقيقت آهي ته فهميده شرف بلوچ جي شاعريءَ ۾ احساس جي انتها جا ڪيئي رنگ نظر اچن ٿا، جيڪي ثابت ڪن ٿا ته هو وجد سان ڀريل مڪمل شاعره آهي، نفسيات جي ابي سنگمنڊ فرائڊ چيو آهي : ”لاشعور مون دريافت ناهي ڪيو، اهو شاعرن جو ئي ڪمال آهي!“ شاعريءَ کي هوا جو جُهوٽو، اُڀ جو تارو، سمنڊ جي گهرائي، درياهه جو مٺاس، رابيل جي خوشبوءِ ۽ تاريخ جي رڙ ٻڌائيندو ئي وجد آهي. ڪيفيتن جي گردش کي فلاسافي ڇا ٿي سمجهي؟ نفسيات، عشق جي وجد لاءِ ڪهڙو ٿي نظريو رکي؟ انهن زاوين سان ڪنهن به ناهي ڏٺو، عام شاعرن ۽ تخليقي سنڌي اهم شاعرن جي شاعريءَ ۾ وڏو فرق آهي. وجداني ڪيفيت جو جنم ڪا ننڍڙيءَ ڳالهه ناهي. اسان وٽ عورت ۽ مرد جي ڪيل شاعريءَ کي الڳ الڳ ڪري ڏسڻ جي روايت رهي آهي. ذاتي طور آئون ان نظريي جو حامي ناهيان، لفظ ”شاعري“ عورت ۽



مرد جي الڳ ورهاست جي محتاج ناهي!

شاعر هجڻ ئي اصل ۾ وڏو اعزاز آهي. ”شاعر“ لفظ انسان جي تشريح آهي. جنس جي ورهاست آرٽ ۾ ڪا به حيثيت نٿي رکي. ميران جي شاعريءَ مرد/عورت جي شاعري هجڻ جي ليبل کان گهٽي مٿڀري آهي. شاعري انسان مان اُپري ٿي، انسان ۾ آرس موڙي ٿي، انسان ان کي تخليق ڪري ٿو، انسان مرد به آهي ته عورت به آهي. شاعري جنس ناهي! نظرين جو رويو اهو آهي جو انسان مادريءَ نظام مان نڪري پدر شاهي ۾ اچي پير کوڙيا آهن، جنس جي فرق کي اڪثر نظام قبولي چڪا آهن، پر فلاسافي اجان به انڪار جي فلسفي تي اُڀي آهي. آزاديءَ کان وانجهيل عورت نفسيات جي ڏيڻ ۾ دفن ٿيندي رهي آهي. اظهار لاءِ شاعريءَ کان سواءِ گُهٽيل معاشرن ۾ عورت وٽ ٻيا اسٽيج نالي ماتر رهيا آهن. مرداڻي سماجن ۾ عورت کي شاعريءَ ۾ به محتاط رهڻو پيو آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ پاڻ کي صرف انسان جي آئيني ۾ فريم ۾ بيهاري ڪا عورت بيباڪ شاعريءَ ڪري ٿي ته اها ڄڻ زنجيرن کي ٽوڙڻ جي ڳالهه آهي. انسان جي رُتبي کي اُجاگر ڪرڻ جي ڳالهه آهي. عورت جي احساس جي شاعريءَ ان ڪري به اهم آهي، جو اُها نزاڪت مان نِسري ٿي، خونخوار روين کي پُٺيءَ ڏئي رابيل ورهائڻ جي جستجو ڪري ٿي. قديم يونان جي شاعره سيفو کان وٺي فلسطيني شاعره فدويٰ توقان تائين، قديم قرطبا جي عرب شاعره ولاده بنت المستقفي کان فهميده شرف بلوچ تائين جي شاعريءَ ۾ اُڀريل بيساختگيءَ جي نفاست جي حُسن جي سچ کي ڪڏهن به پُٺيءَ ڏئي نٿي سگهجي! عورت جي شاعري گل جي گفتگو به آهي، ته ستارن جي گُهور به آهي! فهميده جي شاعريءَ غزلن، واين، گيتن، بيتن، نظمن، ترائيل، وغيره ۾ جاڳندڙ شاعريءَ جو نرالو جلوو آهي. اسان جا اڪثر سر موڙ شاعر ڪنهن خاص صنف جا شاعر طور سُڃاتا ويندا آهن، صرف چند شاعر اهڙا آهن، جن هر صنف ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي، فهميده وٽ اهڙي نرالي ذات آهي جو هُن سڀني صنفن ۾ بهترين شاعري سِرجي آهي. هُن جا غزل جديد سنڌي غزل جو حصو ۽ تسلسل آهن،

اُهي غزل بيخوديءَ مان اُپريل آهن، اُنهن کي زوريءَ ناهي لکيو ويو، انهن غزلن کي اجرڪ جهڙي حَسين ٻولي اوڍيل آهي. عروض جي چير جو چمڪو انهن غزلن ۾ اوجاڳيل آهي. انهن بر سان نہ پر بحر سان ناتو جوڙيو آهي.

**خاموش آ هر منظر، ويران ڳليون آهن،**
**ڪيڏو تہ وڪوڙي ويون دردن جون وليون آهن.**

**ڪا ياد ائين دل کي هر روز ٿي پئي گهائي،**
**ٽانڊن تي رکيون ڄڻ ڪنهن چمپا جون ڪليون آهن**

**هُن جي فطرت آڏ ڪوئڻ، پل ڏُکوئي،**
**ڪير ويهي دل اُڪيڙي غم ڪري.**

**ڪاش هيڪر ٿي پوين تون گُل جيان،**
**لڙڪ توتي سڀ چٽيان شبنم ڪري!**

**اڄ نہ ڪي بادل، نہ بارش ٿِي وٺي،**
**تو بنا بي چين ٿو آگم ڪري.**

**پرين! پيار تنهنجو هُيو مِنهن جيئن،**
**منا! ياد تنهنجي ٿي الهام وئي.**

**زماني کي آڇيا سپ خواب تہ بہ،**
**چو هر آس مون لئہ ٿي الزام وئي؟**

ڳچ وقت کان اهو سوال منهنجي ذهن ۾ ڪُڪندو رهيو آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪا شاعره اردو جي پروين شاڪر جهڙي بيساختا وجداني شاعريءَ ڇو ناهي ڏئي سگهي؟ فهميده جي شاعريءَ پڙهي، مون کي ان سوال جو ڄڻ جواب مليو آهي.



مٿي ڏنل شعرن ۾ پُرسوز اجهل احساساتي اُڇلون ۽ ڇوليون ڪير چوندو تہ حَسين شاعري ناهن؟ احساس جي انتها اُن کان مٿي ڪهڙي هوندي جو محبوب گل جيان هجي ۽ ان تي ٿڪن بجاءِ سپ لڙڪ ماڪ ڪري ڇَٽي ڇڏجن! ڇٽيا تہ گل آهن، پر لڙڪ ڇٽڻ محبت جي وجد جي نئين انفراديت آهي. درد جي اُپٽار بليد جي ڏار تان اگهاڙي پير جي گذرڻ جهڙي آهي. ڪيفيت شاعري ٻڌجي ٿي اهو سچ آهي، پر شاعري خود ڪيفيت جي ڪيف ۾ تبديل ٿي وڃي، اها نئين ڳالهہ آهي. بارش ۽ بادل جو نہ وٺڻ، آگم جو بي چين ڪرڻ، ياد جو الهام ٿيڻ، مکڙين جو ٽانڊن ۾ مرڻ، ڏاڍا حُسناڪ خيال آهن. اهائي تہ فطري شاعري آهي.

**اماس راتيون، اُداس رستا،**
**وٺن ٿا يادن جو واس رستا.**

**ڦُري ٿو سوچون سفر اسان کان،**
**پٽين ٿا پيرن جو ماس رستا.**

**پرينءَ سنڀالي پوءِ پير رکجو،**
**اسان جي دل جا حساس رستا.**

**واس انگ مان ڪيئي اُپري پيا**
**رنگ اهڙو محبت ڪو لائي وئي.**

**خواب جيڪا خريدڻ هِت آئي هُئي،**
**نيڻ ٻي راهہ ۾ سا وڃائي وئي.**

**جيڪي پل توکان جدا پوڳيون پيا،**
**هر گهڙي ڄڻ ڪا سزا پوڳيون پيا.**

**سڄو ڏيهہ هاڻي ڏُکائي ٿو ڪيڏو،**
**ڇڏي ڏيهہ سارو لڪان مان اکين ۾.**

**ڇو پُڇين ٿو لُڙڪ ڪنهن جي ڪاڻ ٿِي،**
**ايترو ٻي ڪين تون اڻ ڄاڻ ٿي!**

**هيءَ حياتي ايتري هيسيل ڊنل،**
**اڳ تہ اهڙي ڪا نہ هُئي جيئن هاڻ ٿِي!**

شيڪسپيئر چيو آهي: ”شاعريءَ اعليٰ سنجيدگيءَ جو نالو آهي.“

فهميده جي شاعريءَ ان جملي جي آرسيءَ آهي. جيترو بيانيا انداز سگهارو آهي، ايترو ئي نفيس فڪر هِن شاعريءَ جي زمين ۾ ڪپھ جي فصل وانگي موجود آهي. ڪپھ مهذب پٽي جي علامت آهي. ڪپھ اوگهڙ جو اوڇڻ آهي. محبت لالائي ۾ رڱي ٿِي، اهو عظيم سچ آهي. ان ئي رستي تي خواب وڪجن نٿا، پنهنجو رَت ڏئي بہ خواب خريد ڪجن ٿا، پر هن راهہ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجيون اکيون بہ وڃائجي وڃن ٿيون. اهڙي ئي دردناڪ ڪيفيت لاءِ بابا ٻتائي چيو هو:

مادر! مٺان مون، ڪانگ لنوندا ڪڏهن!

ان ڪان اڳي جو انسان کي وحشتن جا ڪانگ ڇَٽين، انسان ٻئي انسان جي اکين جي پناهہ گاهہ ۾ لڪڻ جي آرزو ڪندو آهي، ڇو جو يونيورسل سچ اهو آهي تہ انسان، انسان کي سمجهي سگهي ٿو. فهميده جي اپاريل حساسيت لاجواب لڳي ٿي، بيمثال چئي سگهجي ٿي.

**ٿو چنڊ لڳي وياڪل، مايوس ستارا پيي،**
**جنهن وقت پِيا تنهنجي ٿِي سار اچي ڪائي.**

**تو ڪان پوءِ هميشہ لئہ هِن منهنجي حياتي تي.**
**هر ٺهڪ ٺٺولي آ، هر لڙڪ تماشائي.**

**درد ڪيڏو اندر تي اثر ٿو ڪري،**
**ڦول جهڙين دلين کي پٿر ٿو ڪري.**

**پوءِ ڪيڏا اندر ۾ جلن ديپ ٿا،**
**هڪ دفعو جي ڪٽي هُو نظر ٿو ڪري.**

**ڇَڏِ خواب ڏسن کهڙا، مُرڪن تہ پلا کهڙو،**





**هِي نيڻ پرين جيڪي، پُرنم ئي رهيا آهن.**

**سوين رنگ تُنهنجا نظر آيا مون کي،**
**جڏهن تنهنجي دل ۾ نهارڻ سِکيو مون.**

**سُونهن نگريءَ مان خريديم خواب هڪ،**
**روح پنهنجي کي هزارين غم ڏئي.**

**پيار جو بادل نٿو مون تي وسي،**
**وِڄ جا چمڪا ڏئي ٿي زندگي.**

**وات جي خُشڪيءَ جو ڇا !؟**
**اُڃ سڄي اندر ۾ آ.**

**اڄڪلهہ تنهنجي آڏو مان،**
**آهيان بند ڪتاب جيان.**

**هو ڪڏهن جيڪي هئا پنهنجا لڳا.**
**اڄ اُهي مون کي رڳو پاڇا لڳا.**

بيشڪ هِيءُ شيشي جهڙي نازڪ ۽ حساس ڪيفيتن جي شاعري آهي. شيشي تي ڪرنڊڙ بارش ڦڙين جهڙي ويا ڪلتا ظاهر آهي، هِي ابهام کان آجي شاعري آهي. فڪر ۾ ڪابہ اوپرائي ناهي. شاعري ۾ روئندڙ اکين جي درد جي وچ ۾ ڪابہ لڪير نڪتل ناهي! فهميده غزل جي حسناڪيءَ کي ڪمال سان برقرار رکي ٿي. اهو منفرد پٽو آهي. وات جي خشڪيءَ کي اندر جي اُڃ کان ڌار ڪري بيهارڻ دلفريب نواڻ آهي. هزارين غمن جي عيوض خواب خريد ڪرڻ اڪيلائي جي اذيت کان نجات جي سانوري ڪوشش آهي. دل ۾ نهارڻ جو فن سکڻ، زندگيءَ جو ڏکيو فلسفو آهي. اهو مشاهدو درد جي هزارين راتين ۾ تڙپڻ، پڇرڻ ۽ ڪامڻ کان پوءِ ئي حاصل ٿيندو آهي.

عظيم روسي ليکڪ چيخوف لکيو آهي: ”هر ماڻهو

جي سچي ۾ سڀ کان دلچسپ زندگي جو پويان اوندهہ جاري رهندي آهي، هر انساني وجود اسرار جي چادر ۾ ويڙهيل رهندو آهي!" آئون اهو چوندس تہ انساني وجود جي اسرار جي چادر لاهڻ جو فن صرف شاعري ئي ڄاڻي ٿي! شاعري ئي اسرار تہ ڇا انسان جي تبديل ٿيندڙ پاڇي جي شڪل بہ پڙهي وٺي ٿي! پنهنجا لڳڻ وارا اوچتو پاڇا لڳن، اهو بيان ڪرڻ خوبصورت شاعريءَ جو ئي ڪم آهي!

**مان هُن ڏانهن ويندس نئين راهہ تاهي،**
**نہ روڪيو ڪٽي جي وڃان ٿي تہ ڇا هي؟**

**هر رات جي پويان هڪ سورج ٿو پيو ڊوڙي،**
**پاڇي جي پٺيان ڪوئي اظهار ٿو پٽڪي پيو.**

**تــوڪــي ڳــولــڻ لاءِ پــيــا مــان،**
**اُڀ ســمــورو اُڪــريَ وئــي هــان!**

**جي چاهيو سيئي پاپ ڪاتي ۾ لکجو،**
**ڪٿي ٿا ڇئون ٽِي ثوابن جي ورڪا.**

**جي خواب ڪَسي ڪنهن ڪان لڙڪن ۾ لوڙهي،**
**ڪنهن جي رات جي پرياٽ تہ آءِ روڪيانس!**

**اي منهنجا قلم! مون ڪي قسم آ تنهنجو،**
**وڪجڻ جي لڳي ڏات، تہ آءِ روڪيانس!**

**لفظ ڊوڙن ٿا پيا ڪرن جيان،**
**شاعري جڻ مينهن جو اهڃاڻ ٿي.**

**اڪيلو چنڊ پيي تہ آ،**





## اسان ڇو سوڳوار ٿيون؟

ٽي ايس ايليٽ چيو آهي : "هڪ حقيقي شاعر ادراڪ ۾ احساس جون نيون شڪليون تلاش ڪري ٿو."

فهميده جي شاعريءَ احساس جي نئين شڪلين جي شاعري آهي، ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي. نئين راهہ ڳولڻ، اسان ڇو سوڳوار ٿيون؟ ڏات وڪجي تہ ان کي روڪڻ جو عزم رکڻ، خواب کسيندڙ رات جي پرياٽ کي روڪڻ جو ارادو ڏيکارڻ ڇا تہ غضب جو اتساهہ آهي.

فهميده نعريبازيءَ کان پنهنجي شاعريءَ کي پري رکندڙ سيبتي شاعره آهي. هن وٽ جاندار ترقي پسند سوچ آهي. رات جي پٺيان ڊوڙندڙ سج ۾ پاڇي جي پويان سهڪندڙ اظهار کي ڳوليندڙ هِي شاعره سچ جي مالڪي چاهي ٿي. اُڀ مان اُڪري وڃڻ حسين وجد آهي. قلندري ڌمال جهڙي وجداني ڪيفيت هن شاعريءَ کي موهيندڙ بڻائي ٿي. هي شاعري رڳو مينهن جو اهڃاڻ نہ پر بي خوديءَ جي برسات ئي تہ آهي، جيڪا وسي رهي آهي، ٿمجڻ ۾ ٽڪجڻ ان جي مزاج ۾ ئي شامل ناهي. فهميده جي شاعريءَ جي خوبي هي آهي تہ اُها يڪسانيت کان بچيل آهي. هن تي ڪنهن جو بہ اثر نظر نٿو اچي، هن وٽ پنهنجو اسلوب آهي. عالمي ليول کان پنهنجي ملڪي سطح تائين جن شاعرائن جي هاڪ رهي آهي، انهن جي شاعري جيڪا مجتا ماڻي آهي، ان جو بنياد عالمي قدرن کي اجاگر ڪرڻ آهي. فهميده جي شاعري انهن پيچرن تائين رسائي لاءِ سرگردان آهي. هن وٽ اهڙو شعور بہ آهي.

ايران جي شهرت يافتہ شاعرائن ۾ صوفي ازم جي دوست شاعره قرة العين طاهره ۾ رابعا جي شاعريءَ جهڙو چس فهميده جي شاعري ۾ نظر اچي ٿو ۽ محسوس ٿئي ٿو. هُن ساڳي بيباڪي اختيار ڪئي آهي. ڪشمير جي بهترين شاعره حُبہ خاتون عرف زوني جي شاعريءَ جهڙي هُر ڪر فهميده جي شاعريءَ ۾ بہ موجود آهي. زوني اڪبر بادشاهہ جي حڪومتي دؤر ۾ دربدر ڪئي وئي هئي. اُها گمناميءَ ۾ ئي مري وئي، جنهن جي قبر جي بہ اجا ڪنهن کي سُڌ

ناهي پئجي سگهي! فهميده جي واين ۾ لطيفي پڙلاءُ محسوس ٿئي ٿو. اڪيلائين جا جيڪي هُن واڪا تخليق ڪيا آهن، جڻ هن اُهي سسئي جي سفر مان هٿ ڪيا آهن. هُن پنهنجي واين جا بُت درد سان تراشيا آهن. ٻئي طرف جدت جي آرسُن کي بہ خوبصورتيءَ سان رڱيو آهي. جدت ۾ ڪلاسيڪيت کي هُن شاندار نموني پرويو آهي. حساسيت هُن جي واين کي وجدي لالائي ارپي آهي.

**پويان پاڇولي جيان،**
**ڏک ڪو سارو ڏينهن،**
**توکي ڳولهي ٿو!**

**پن ڇڻ آئي درد جي،**
**وڪري پن پن ۾.**
**گوري گُم ٿي وئي.**

**جيئن جُدا درياهہ ڪنارا،**
**پاڻ بہ ائين پري،**
**جيون جي هر موڙ تي.**

**تارن جي جهرمر ڪان تُنهنجو،**
**پئي ٿِي ڏس پُڇان،**
**ڪڏهن ايندين سانورا!؟**

**ڌرتيءَ ساڙي پير ٿِي،**
**سورج اُڇلي باهہ.**
**پيار تنهنجو ڇانورو!**

**ڇانيل ڪاري رات آ،**
**اڄ بہ ڪنهن جي گهر مٿان،**
**چنڊ ٿو گهوري ڏسي!**

شاهہ عنايت رضوي جنهن حَسين وائي کي سنڌي ٻوليءَ ۾ جنميو هو، اها اڄ بہ ڳرا موضوع برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي،



اها ئي ڳالهہ فهميده دل سان سمجهي پوءِ وائي کي تخليق ڪيو آهي. هُن نواڻ ڏيڻ لاءِ احساس جي گهرائي استعمال ڪئي آهي. ٿڌي ساهہ کي هُن وائي جي وراڻي ٻڌايو آهي. حساس عورت جو جذبو جذبو هُن وائي ۾ نروار ڪيو آهي. عورت، انسان آهي، ان انسان جي جاڳ کي هُن وائي ۾ سمويو آهي. مامرو جنس جو ناهي، مامرو انساني اڪيلائي جي امنگ جو آهي. ان آرزو جي معصوميت ٻرندڙ سماج ۾ بيباڪيءَ کي ڪيئن جنمي ٿي، اُن جو شاندار نمونو فهميده پيش ڪري ٿي.

**ڏار جي آهيون ٻئي،**
**جاني پوءِ جيون،**
**ڪهڙي آهي ڪم جو!؟**

**سمنڊ ڪناري سچ جو،**
**منظر ڪو توبن،**
**ڪهڙي آهي ڪم جو؟**

**ٽُٽي پئي جي تار تان،**
**پوءِ پلا ڪو پن،**
**ڪهڙي آهي ڪم جو!**

منظرن مان رومانس جي اڪيلائي جو درد اُڀارڻ ڪمال جي ڪاريگري آهي! سچ تنها آهي، ڇڄي ويل پن تنها آهي، نظارو ڏسندڙ انسان تنها آهي! سچ، پن ۽ انسان جي اڪيلائي جو شاعريءَ ٿي وچڻ، وائي ٻڌڻ داد لائق شاعراڻي وسعت آهي.

**اڇلايل ڪنهن ڪُنڊ ۾،**
**ڪالهوڪي اخبار،**
**پيو ڇا منهنجي زندگي!**

**جيئن آ تازي گُل ۾،**
**پل ڪن جي مهڪار،**
**پيو ڇا منهنجي زندگي!**

**ٻڏندي ۽ ترندي رهي،**

**منهنجي نازڪ دل،**
**ءِ هو هليو ويو!**

**آئون ائين ڏسندي رهيس،**
**جيئن ڪوئي پاڳل**
**ءِ هُو هليو ويو!**

ناليواريءَ سنڌي ليکڪا آپا خير النساءِ جعفري ڪٿي لکيو آهي: ”ڏار ڏار ٿيڻ... وڇوڙا... الوداعيون،.... خدا حافظ ڪرڻ..... هر لفظ ڪي پنهنجي پن ڇڻ آهي...!“

لفظن جي پن ڇڻ جا عڪس فهميده اسان ڪي دل سان پَسايا آهن! ”شاعري درد مان جنم وٺي ٿي!“ ڪنهن دانشور جو اهو قول فهميده جي شاعريءَ جو مضبوط جُز آهي. پرسُوز حساسيت جي هِي چولي چولي فهميده جي واين ڪي گهرو بڻائي ٿي. اها نڪور وائي موهي ٿي. وائي جو مزاج ڪٿي هيٺو، ڪٿي پرعزم رکي هن نواڻ پيدا ڪئي آهي. ڪنڊ ۾ اڇلايل پراڻي اخبار جي حقيقت هِن سماج جي عورت جي درد ڪٿا ناهي تہ پيو ڇا آهي؟ عورت ڪي گل جيان چِني ان جي مهڪ ڪي عارضي بڻائڻ جي سچ ڪان ڪير انڪار ڪندو؟ سچي شاعري چئبي اُها آهي جيڪا سندي ذات جي عڪاسي ڪان وڌيڪ پين جي زندگي جي عڪاس بڻجي! اهو سچ جيڪو سپني جو سچ محسوس ٿئي، اهو وڏو سچ آهي. فهميده اهو سچ اپارڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي.

**ٻاهر ڇو ٿو ڳولين سُپرين،**
**تنهنجي پنهنجي اندر ۾،**
**چنڊ ٿو جاڳي!**

هن خيال جي تشريح ڪجي تہ برازيل جي مشهور پادريءَ هيلڊر ڪامارا جا هي لفظ ڪافي آهن تہ: ”زندگي ئي سڀ ڪان وڏي سوُنهن آهي!“

پنهنجي اندر ۾ چنڊ ڪي ڳولي لهڻ لا شڪ انتهائي محبوب فلسفو آهي.

پنهنجي دؤر ۾ ڪامياب شاعري ڪندڙ فهميده



شرف جي لکيل گيتن جو تجزيو ڪرڻ ڪان اڳ ۾ اهو چوڻ چاهيندس تہ گيت يا ڳيچ جي بانيڪار ئي عورت ذات آهي. سمورا لوڪ گيت گمنام مائرن جي ايجاد آهن، گيتن جي بہ عجيب تاريخ آهي، هڪڙا گيت خانہ بدوشن جا سرجيل آهن. هڪڙا گيت ڌرتيءَ جي وارثن جا تخليق ڪيل آهن. هڪڙا گيت فاتحن جا لکيل آهن. هڪڙا گيت غلامن ءِ اڇوتن جو آواز آهن. هڪڙا گيت انقلابين اپاريا آهن، هڪڙا گيت مذهب پرستن پيش ڪيا آهن. گيت مختلف آهن، نظريا ڌار ڌار آهن. گيت جي صنف ترقي ڪندي گهڻو اڳتي وڌي چُڪي آهي. جديد گيتن جو مزاج منفرد رستي جو مسافر بڻيل آهي. اُهي گيت رنگا رنگي بڻجي ويا آهن.

فهميده شرف بہ دل سان گلابي گيت لکيا آهن. هن پين ڪان ڪافي منفرد گيت لکيا آهن. هُن جي گيتن ۾ زندگي جي ڳالهہ آهي. سڄي عمر ماڻهو جي من ڪي ڪپن ٿا.

**جيئڻ جا حوالا....**
**هر گهڙي مون ڪي سڏي ٿو،**
**ڪوئي چنچل خواب هڪڙو،**
**ٻاٽ ۾ ٿي سوجهرو،**
**پيار مون لئہ چانورو!**

**اسان پيار وارن جي ساري حياتي،**
**ڪڏهن رات راڻي، ڪڏهن اڪ جو پاڻي.**
**انوکي ڪهاڻي**

**واٽ اونداهہ مان،**
**هُو اڇي جي ڪٿان،**
**جيءُ ٻاري سَکي،**
**روشني مان ڪيان!**

**خواب منهنجا رهن ٿا شبنمي،**

**سنگ تنهنجي جو جُهومي پئي زندگي،**
**هٿ وڌائي پئي، ٻوڙندي ٿي اچي،**
**اڄ خوشي اوچتو، درد جي ميڙ مان،**
**جيءَ ٻاري سڪي،**
**روشني مان ڪيان!**

مٿين احساسن کي پڙهي قديم قرطبا جي شاعره ولاده جون هي سٽون ٿيون ياد اچن:

**جُدائي جي معني اها ٿي بيهي تہ**
**ملي نٿا سگهون!**
**سڀ عشق وارا پنهنجا درد روئن ٿا.**
**ملاقات جي گهڙي ناهي تہ پوءِ،**
**هر موسم پن ڇڻ آهي.**
**جيڪا خواهش جي پرندڙ ٽاڻين کي،**
**پيرن سان ٻڌي ٿي ڇڏي!**

گيت معصوميت جي اظهار کي اپاريندڙ حقيقت آهن، فهميده جي گيتن ۾ اُها نازڪ مزاجي عروج تي نظر اچي ٿي، انهن گيتن ۾ دل جو ڏڙڪو شامل محسوس ڪجي ٿو.

**پاڇو پوئين پهر جو،**
**الا! مان آهيان**
**مون کي سار نہ تون.**
**ماٺ ۾ آئون گذري ويندس،**
**خوشبو بڻجي اُڏري ويندس،**
**ساپيائن جي آس جو،**
**سپنو ڪو ناهيان!**
**مون کي سار نہ تُون!**

ڪو بہ شڪ ناهي تہ حُسن جي محبوبيت ۽ معصوميت صدين ۽ زمانن کان تبرن سان ڪُٽي وئي آهي. ذاتي انائن جي روش معصوميت کي سدائين ڪاريءَ رات پويان دفن ڪرڻ چاهيو آهي. فهميده جي شاعري ڪُٺل معصوميت جي روح کي، جوڀن کي، ۽



سُڏڪي سُڏڪي کي پوريءَ سگهہ سان عيان ڪيو آهي.

فهميده جو منفرد پڻو اهو آهي جو هُن عاشق بڻجي بنا ڪنهن جي پرواهہ جي پنهنجي محبت کي دل سان بيان ڪيو آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ کي ڪو بہ نقاب ناهي پارايو. سچ تہ مون سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن عورت جا بي انتها حساس ۽ زبردست احساساتي بيت فهميده جي شاعريءَ ۾ پڙهيا آهن. حيرت جي مهڪ اچي منهنجي ذهن ۽ دل کي ڇهيو آهي. هُن جا بيت سرمستيءَ واري ڪيفيت جو جلوو آهن. اُهي نئين اجرڪ ۽ رڻ ۾ ٽڙيل گل وانگي توجهہ ڇڪائيندڙ آهن. هي بيت واضح ڪن ٿا تہ هُو اڳئين صف جي مڪمل شاعره آهي. هُن واقعي بہ شاعريءَ کي شاعريءَ جي جواني ڏني آهي.

**هُو سڀ تارا اُڀ تي، ڇو ٿا شرمائين،**
**هر هر نيڻ ڪٽي پيا، جهٽ ۾ جُهڪائين،**
**ڇڻ ٿا ڪنائين، ڳالهيون ڪنهن جي پيار جون.**

**ظاهر مَرڪان پئي مگر، اندر ۾ شمشان،**
**ڪيئي دل ۾ ٿا اُٿن، يادن جا طوفان.**
**منهنجو من ويران، هَن جي وئي کان پوءِ ٿيو.**

**آسڻ اکين ۾ رکو، هُن جا ئي آهين،**
**هُن کان آءُ رُسي وڃان، ڇو ٿا ائين چاهين.**
**مون وٽ ٻيا ناهين، سپنا پرينءَ کان سِوا.**

**سڪيءَ، ڪاريءَ رات ۾، ڪيڏا نيڻ ٽِميا،**
**چنڊ وڌائي هٿڙا، سارا لُڙڪ اُگهيا.**
**تنهن کان پوءِ پُڇيا، منهنجي سارا درد هُن.**

**منهنجي جوڀن جا سڪي، سڀ رنگ چورائي،**
**ڪيڏانهن ويو سانورو، ننڊون ڦٽائي،**

**مون کي ريجهائي، ويو پنهنجي پيار سان.**

ڪپيل ٻچيءَ مان وهندڙ رَت جهڙيون ڪيفيتون شاعرا ٽي ائپروچ جي اونچائي جو ڏس ڏين ٿيون. فطرت کي انسان دوستيءَ سان سلهاڙڻ جو هي دلڪش نمونو موهي ٿو. تارا بہ شرمائين ٿا، ڇو جو اُهي پيار ڪندڙن جون ڳالهيون پيا ڪنائين! ستارا بہ محبت جون ٻاتيون ٻڌڻ چاهين ٿا. چنڊ بہ انسان جي ڳلن جا ڳوڙها اُگهي ٿو، ڇو تہ انسانن مان ڳوڙها اگهڻ وارو رويو موڪلائي ويو آهي. هيءَ مصنوعيت ناهي، مغالطو بہ ڪونهي، هيءَ فطرت دوستيءَ جو نظريو آهي. ماڻهو اوهان کان دُور ٿين ٿا، پر فطرت اوهان کان ،اوهان فطرت کان پري رهي نٿا سگهو، فطرت کان دوري خودڪشيءَ برابر آهي.

**ڪنهن جي ڪنهن جي درد جي، ڇيڙي ڪوڪتا،**
**ڏک ۾ جڻ ڇڄي پئي، هيٺي دل هرڪا،**
**مون کي ڏسيو سا، جا سُورن کان آجي هجي؟**

**هاڻي ڪٽي آزاد ڪيو، قيدي مُنهنجو ساهہ،**
**لفظ اُماڙيون چئوطرف، اندر ٻري ٻاهہ.**
**ڪوليو مُنهنجي راهہ، آجو جيون ڪي ڪيو.**

**مون کان ڪيڏي پيار مان، پُڇي پيو آڪاس،**
**آهين ڇو اُداس، مڪڙيءَ جهڙي ڇوڪِري!**

ڪير آهي جيڪو هن پٿريليءَ راهہ ۾ زخمن کان آجو آهي؟ ڪهڙيءَ ڇاتيءَ تان ڪاتي ناهي گُذري؟ ڪنهن کي پلا غليظ روين رتو رت ناهي ڪيو؟ اهو ڪهڙو سچ آهي جنهن کي صليب ناهي ملي؟ ڪهڙيءَ جون آف آرڪ ٻچي آهي، جنهن کي ڦاهي تي ناهي جُهولايو ويو!؟ ڪهڙي سارا شگفتا سلامت روح ڪٽي بهار جو گُل ٿي آهي؟ هتي تہ هر مکڙي مُٺ ۾ ڪٽي نپوڙي وئي آهي! ها... هاڻ گهٽو ٿي چُڪو! سورٺ لُٽجي چُڪي، سسئي پٽڪي چُڪي! انتها کان پوءِ ڪا ابتدا ٿيڻ گهرجي. دري کُلي ۽ تازي هوا اچڻ گهرجي. ڏيئو



ٻرڻ ٿو چاهي، زنجير ٽٽڻ ٿي چاهي! گدلائڻ ۾ رهي بہ ڪنول ٽڙڻ جي آرزو ڪري چڪو آهي. راهون کلڻ ۽ کولڻ جو نعرو بلند ٿي چڪو آهي. هي اتساهہ سان لبريز شاعري نئون نياپو آهي، ڇڻ تہ فهميده هر قيديءَ عورت جي گُهٽيل نڙيءَ جو آواز ٿيڻ چاهيو آهي. اها اعليٰ جدوجهد آهي. فهميده علامت نگاريءَ کان بهترين ڪم حاصل ڪيو آهي. آڪاس جي پُڇا خوبصورت علامت نگارياهي. اهڙي علامت نگاريءَ جو فهميده شانائتو استعمال ڪيو آهي.

**نيڻ مليا جو جيڏيون، پرينءَ سان هڪ وار،**
**ٽُڪڙا ٽڪرا ٿي وئي، شيشي جي ديوار،**
**مون ڏي سئو سئو وار، پريتم نهاريو پيار مان**

**مان هڪ ننڍڙو سچ، ۽ تون اُتم احساس،**
**آئون ذرو هڪ ڌُوڙ جو، تون مون لئہ آڪاس،**
**جانب مُنهنجي آس، شال سدا هڪ ٿي وڃون.**

**رابيليءَ جي گُل مثان، سج جو جيئن چمڪو،**
**مون کي اهڙو ڪو، سپنو ٿو سڏڙا ڪري،**

**جيڏا منهنجا نيڻ ها، ورهين کان ٻي خواب،**
**تِن ۾ اڄ گلاب، ڦُٽا تنهنجي پيار جا.**

محبت عالمي نظريو آهي. عالمي سچ آهي. محبت انسانيت جي نيٽن جو خواب آهي، پر ٻرندڙ سچ هيئان "انسانيت" ۽ "خواب" ٻنهي سان الميا اچي وچڙيا آهن. ٻنهيءَ کي واچوڙن ورايو آهي. انسانيت جون اکيون ڪڍيون ويون آهن ۽ هر خواب رڻ حوالي ڪيو ويو آهي! ان موضوع تي وڏو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. ٻنهي تي صدين تائين ڳالهائي سگهجي ٿو. خوشبوءِ کي دولابن جي دلالن لاوارث ڪري ڇڏيو آهي. فهميده اُڄ ۽ رُڄ ۾ بہ محبت جي نظريي کي نروار ڪري ٿي. نقطو اهو فقط انسان جو رُتبو بحال ٿيڻ آهي. پاڻ کي هڪ ننڍڙو سچ سمجهڻ، ڌُوڙ جو ذرو تصور ڪرڻ، محبوب

کي آڪاس جي مٿاهين ڏيڻ، اُن کي اُتم احساس سڏڻ، پنهنجي ٻي انا محبت جي حسين تشريح آهي. انا کي فنا ڪرڻ ئي تہ محبت جو پيو نالو آهي. هڪ ٽيڻ عُنابي منشور آهي. زمانن کان ٻي خواب اکين ۾ خوابن جا گلاب تڏهن ئي ٽڙن ٿا، جڏهن انسان انا کان آجو ٿي وڃي ٿو. لطيف کان رجنيش اوشو تائين سڀني ان ئي نظريي ۾ ويساهہ رکيو آهي. شيشي جي هر ديوار تڏهن ڪري ٿي جڏهن محبت سڏ ٻڌجي ٿي، پڙاڏو وري سوين پيا سڏ ٿِي وڃي ٿو. رابيل جي گل مٿان سج چمڪي جهڙوڪو محبوب خواب تڏهن ئي اکيون کولي مرڪي ٿو، جڏهن اُتساهہ انقلاب ٻڌجي ٿو. فهميده جي جديد شاعريءَ جو هي نئون هنيلو آواز جديد سنڌي شاعريءَ جو نئون آواز بہ آهي. اُن آواز کي پنهنجي حُسناڪيءَ آهي. گرو رجنيش اوشو چيو آهي: ”مرد جو جُهڪاءُ آسمان ڏانهن هوندو آهي، ۽ عورت جون پاڙون زمين ۾ هونديون آهن.“ فهميده جي شاعريءَ انهن لفظن جو چمڪندڙ پڙاڏو آهي.

فهميده کي نظمن تي اجان دسترس حاصل ڪرڻي پوندي، نظم پيچيده صنف آهي. هونئن بہ هر صنف تي ڪمال حاصل ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. فهميده جي نظمن ۾ تازي جيئن تنواريندڙ هي خيال وڏي معنيٰ رکن ٿا. روح جي زخم تي ڦهو رکڻ جي ڪوشش محسوس ٿين ٿا:

**هُو ڪشمير جي سڏ ۾ سڏ ڏين ٿا،**
**پر سنڌڙيءَ جا سُڏڪا ڪو ٻُڌي ئي نٿو!**
**مقدمو ڪشمير تہ وڙهي ٿا اچن،**
**سنڌ جو مقدمو وڙهي ڪير ٿو؟**

**تاريخ جا نيڻ ڪو درد پائن،**
**خواب ڪو پرزا ٿئي،**
**چري دل صفا ڦتڪڻ لڳي.**
**جيئن گلابن کي ڪو،**
**ڄرڪندڙ ٽانڊن تي رکي ساڙڻ لڳي.**



**جيئن رنگين پوپٽ ڪو،**
**هاءِ وي روڊ تي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ملي.**

پنهنجي وجد، پنهنجي محبت، پنهنجي نظريي ۽ ذميوار حيثيت ۾، فهميده شرف بلوچ جيڪا پُرخلوص، وقتائتي، وزنائتي ۽ بيحد اهم ۽ ڪڏهن نہ وسرندڙ شاعري اسان کي، سنڌي ٻوليءَ کي ڀيٽا ڪئي آهي، اُها نہ رڳو آجيان جي پر ٻي انتها داد جي لائق بہ آهي. ويساهہ آهي تہ هن شعري مجموعي ”اُماس راتيون اداس رستا“ کي شاندار پذيرائي ملندي، جيڪو هن مجموعي جو حق بہ آهي.

**جنهن جي سِر تي ستارن جي چُنري هئي،**
**سائي سُورج کي ٻنديا ٻڻائي وئي.**

**ايوب کوسو**
**مئي 2016ع**

خاموش آ هر منظر، ويران ڳليون آهن.
ڪيڏو نه وڪوڙي ويون، دردن جون وليون آهن.

ڪا آس نه ٿي پوري، هن دل جي ڪڏهن آهي،
آسون ٻه اسان جون سڀ هڪ، هڪ ٿي جليون آهن.

ڪا ياد ائين دل کي هر روز ٿي پئي گهائي،
ٽانڊن تي رکيون ڄڻ ڪنهن چمپا جون ڪليون آهن.

جيون جي سفر ۾ مان، تنها نه پرين آهيان،
تنهنجون ئي سدا ساروڻ گڏ مون سان هليون آهن.

اکيون ئي ٻڌائن ٿيون، سا ڳالهه آ پي ورنه،
پنهنجون ته جفائون مون، ڪنهن سان نه سليون آهن.

مون ڪان نه ٿو چورائي هي چنڊ اکيون، پر هن،
تارن سان ٻه چاهت جون ڳالهيون چو اليون آهن؟



هر نظارو ٿو وٺي، پريتم ڪري،
چانڊني ٿي ڄڻ وسي، ڇم ڇم ڪري.

هن جي فطرت آ ڏکوئڻ، پل ڏکوئي،
ڪير ويهي دل اڪيڙي غم ڪري.

ڪاش هيڪر ٿي پوين تون گل جيان،
لڙڪ توتي سڀ ڇٽيان شبنم ڪري.

اڄ نه ڪي بادل، نه بارش ٿي وٺي،
تو بنا بي چين ٿو آگم ڪري.

مان وسارڻ ٿي گهران، وسري نه ٿو،
ڪير ٿو هر هر اچي برهم ڪري.

دل جي ڌرتي ٿي وئي ماتمڪده،
ڪو ته همدردي اچي همدم ڪري.

مان جڏهن دنيا ڇڏي ويندس هلي،
تون تڏهن روئيندين پيو ماتم ڪري.

لٿي ڏات چڻ ٿي گلابن جي ورڪا،
وئي چؤطرف ٿي آ خوابن جي ورڪا.

ڏسي چنڊ ٿو، عڪس پاڻيءَ ۾ پنهنجو،
ڪري چاندني ٿي شبابن جي ورڪا.

سدا پيار ۾، پن پريمين جي دل تي،
زمانو ڪندو آ، عذابن جي ورڪا.

جي چاهيو سيئي پاپ ڪاتي ۾ لکجو،
ڪٿي ٿا چئون؟ ٿي ثوابن جي ورڪا.

ٻيو ڪجهه نه ٿيو، بس ڏنس پيار مان هُنَ،
سڪيءَ منهن ڍَڪي ڪئي حجابن جي ورڪا.

ڪٿي ٿا رکون پاڻ گلشن جي خواهش،
رهي دل تي پئي ٿي سرابن جي ورڪا.



اڏاڻا پکي ۽ لڏي لام وئي،
پرين! تون نہ آئين رُسي شام وئي.

پريان ڪنهن ڪڪر ۾ لڪي چنڊ ويو،
چٽي چاندني ڏيئي پيغام وئي.

محبت ڇڏي عڪس ڪي دل مٿان،
اکين منجهہ اوتي سوين جام وئي،

ڇڏي پونءِ اڏري وئي اپ ڏي،
آ هڪڙي حياتي ٿي گمنام وئي.

پرين! پيار تنهنجو هيو، مينهن جيان،
مٿا! ياد تنهنجي ٿي الهام وئي.

زماني ڪي آڇيا سپ خواب تہ، بہ.
چو هر آس مون لئہ ٿي الزام وئي.

اماس راتيون، اداس رستا،
وٺن ٿا يادن جو واس رستا.

پرين سنڀالي پوءِ پير رکجو،
اسان جي دل جا حساس رستا.

سمورو جيون اجاڙ بن آ،
ڪٿي اچن ٿا هي راس رستا.

ڦُري ٿو سوچون سفر اسان کان
پَٽِنِ ٿا پيرن جو ماس رستا.

ڪڏهن تہ ايندين پرين اسان وٽ،
رکن ٿا تو مان ڪي آس رستا.

نصيب پنهنجو سدا نہ رهندو،
لٽيل، ڦٽيل ۽ نراس رستا.





عڪس تنهنجو بہ دل تان مٽائي وئي،
روح کي ياد تنهنجي رُلائي وئي.

مون تہ روڪيو گهڻو، هو نہ ترسي مگر،
زندگي بي وفا هٿ ڇڏائي وئي.

اڄ هو لهرن تي پيو نانءُ تنهنجو لکي،
مون کي ڪن ۾ هوا آ ٻڌائي وئي.

واس انگ انگ مان ڪيئي اڀري پيا،
رنگ اهڙو محبت ڪو لائي وئي.

ڪيڏو حيرانگيءَ مان تڪي ٿو پيو،
سونهن آڪاس کي ڀي جهڪائي وئي.

خواب، جيڪا خريدڻ هٿ آئي هئي،
نيڻ ڀي راهہ ۾ سا وڃائي وئي.

آس ڪيڏي تہ بي رحم نڪتي اها،
هيڪليءَ دل کي ڀي جا جلائي وئي.

جنهن جي سِرَ تي ستارن جي چنري هئي،
سا ئي سورج کي بنديا بڻائي وئي.

جيڪي پل توکان جدا ٿيا، پوڄيون پيا،
هر گھڙي جڻ ڪا سزا پوڄيون پيا.

ننڊ اڏري ٿي وڃي آڪاس ڏي،
ياد ۾ پَلَ جاڳ جا پوڄيون پيا.

شوخ چنچل زندگي خاموش آ،
درد جي هر انتها پوڄيون پيا.

مَنَ کي ڪاٿي ٿو ملي هاڻي سڪون،
اذيتون بي ساختا پوڄيون پيا.

ڪير ڇاڻي ٿو پيو پيڙا هتي،
بس اڪيلا هر جفا پوڄيون پيا.

سک جي منزل ڏور ڪاٿي آ پيا،
پوءِ بہ ويتا ڇو پيلا پوڄيون پيا؟



رُڪجي جي سگھي رات تہ آءٌ روڪيانس،
سڏڪي جي پئي سانت تہ آءٌ روڪيانس.

وس منھنجي ھجي ڪاش پرين مان تنھنجي،
وڏندي جي وڃي تات تہ آءٌ روڪيانس.

جي خواب ڪَسي ڪنھن ڪان لڙڪن ۾ لوڙھي،
ڪنھن رات جي پرڀات تہ آءٌ روڪيانس.

مَنُ ڪنھن جو رنجائي جي گھڙي ھڪڙي پِي،
ھن پوڻ تي برسات تہ آءٌ روڪيانس.

اي منھنجا قلم! مون کي قسم آ تنھنجو۔
وڪجڻ جي لڳي ڏات تہ آءٌ روڪيانس.

پرين! تنهنجون يادون جڏهن ٿيون پون،
ٿي مرڪي هوا، رقص بادل ٿا ڪن.

اچي ياد ٿو وقت گذريل جڏهن،
سوين عڪس دل تي تري ٿا اچن.

سوا تنهنجي سپنا، خوشيون، محفلون،
سيئي ساهه کي اوپرا ٿا لڳن.

ضدي ساپيائون نه رُڪبيون ڪڏهن،
پٽيان خواب ڪيڏا به سڏڪا پرن.

ڪڙن چنڊ ٿا رات جي سانت ۾،
جڏهن گيت سندر ٿا شاعر لکن.

جڏهن پيار پوتر ٿا ارپيون تڏهن،
نظارا اسان ڏي ٿا مرڪي ڏسن.



هي سنسار سارو ڏسان مان اکين ۾،
چڏي ڏيهه سارو اچان مان اکين ۾.

سڄي رات ڏيئا ڪري ذات ٻاريم،
سڄي رات وِسمان، ٻران مان اکين ۾.

جڏهن ڪان هو وڇڙي ويو مون ڪان سرتيون!
ٽُٽِي آس دل جي رسامان اکين ۾.

سڄو ڏيهه هاڻي ڏڪائي ٿو ڪيڏو،
چڏي ڏيهه سارو لِڪان مان اکين ۾.

متان پوءِ ٻيهر لهي ڪوئي ڳولهي،
تڏهن پاڻ پئي ٿي ڍَڪيان مان اکين ۾.

پري ڪين هڪ پل به تون ڪان ٿيان مان،
سڄي عمر تنهنجي هُجان مان اکين ۾.

پرين ياد تنهنجيءَ ۾ هڪ درد بنجي،
ٿي ڪنهن لڙڪ وانگر رُلان مان اکين ۾.

چو پڇين ٿو لڙڪ ڪنهن جي ڪاڻ ٿي،
ايترو پڇي ڪين تون اڻ ڄاڻ ٿي.

ڪير سپنا ۾ ويئي مرڪون کسي،
ڪير ڏئي اکڙين کي ويو آلاڻ ٿي؟

ياد تنهنجي جڻ گلابن جون ڪليون،
چؤطرف ڦهلجي سرهاڻ ٿي.

سار ڪنهن جي کي اندرم گڏ ڪري،
جڻ اندرم پاليو مهراڻ ٿي.

هيءَ حياتي ايتري هيسيل، ڏنل،
اڳ تہ اهڙي ڪانہ هئي جيئڻ هاڻ ٿي.

ڪير گڏجي لڙڪ ڳاڙيندو هتي،
مان اڪيلي پوڳيان پئي پاڻ ٿي.

لفظ ڊوڙن ٿا پيا ڪڪرن جيان
شاعري جڻ مينهن جو اهڃاڻ ٿي.

ꕥ



اسان جا نيڻ رستن ۾ ڪٿي گم ٿي ويا آهن،
سمورا خواب جڻ وچڙي ڪٿي وڪري پيا آهن.

ملئي تو ساڻ جيڏا! ٿورڙا ڪجهہ ڏينهن هن گذريا
مگر بي چين من ايڏو، ڏني جڻ سال ٿيا آهن.

ٻُڌي منهنجي ڪٿا، آ چنڊ پي ويو سوچ ۾ پئجي،
ان جي لاءِ پي جڻ ياد جا ڪي در ڪليا آهن.

اگر رڪجي سگهن لوڪو! تہ مان روڪيان ڪٺي جيڪر،
مگر جذبا محبت جا تہ ٿيندا بي چيا آهن.

سڪي ويران ٿي چهرو ۽ هيسيل ٿا لڳن لهجا،
اڪيلا گيت اڄ تنهنجا الائي ڪنهن ڪيا آهن؟

نہ لڙڪن جون ڪڏهن ڳالهيون اسان سان ڇيڙجو هاڻي،
اسان پنهنجا اهي سڏڪا وساري سپ ڇڏيا آهن.

تون آيو آهين تہ هر شيءِ منهنجي جڻ نکري پئي آهي،
لڳي آ دل بہ جهومڻ، نيڻ پي منهنجا ترِيا آهن.

ꕥ

خوشيءَ خوشيءَ سان ڏار ٿيون،
خزان نہ ٿيون بهار ٿيون.

هميشہ ٿڪ ڏئي ملون،
ڪڏهن نہ لڙڪ لار ٿيون.

اڪيلو چنڊ پي تہ آ،
اسان چو سوڳوار ٿيون.

اهو ئي ڪوڙ آ پرين،
اڪيون اڪين سان چار ٿيون.

پريت جي حساب ۾،
ڪدورتون اڌار ٿيون.

الڳ ٿجي انهيءَ ڪان اڳ،
جو زندگيءَ تي بار ٿيون.



پوءِ خوشي ڪهڙي رهي ڪا؟ هن سڄي ماحول ۾،
چند سِڪا ساهہ جا، جي زندگيءَ جي جهول ۾

هڏ ڪڙيون ڪجهہ ۽ ٿڏا ڪي ساهہ، لڙڪن جون لڙيون
ڇا ٻيو باقي بچيو آ؟ هن پڳل ڪشڪول ۾

قيد آهي جڻ مون ڪيو تنهنجي هرهڪ ياد کي،
پنهنجي اُجري ۽ رَسيلي گيت ڪنهن انمول ۾.

منهنجي هن ويران مَن کي جڻ تہ واسي ٿي ڇڏي،
اهڙي ڪا خوشبوءِ ڀريل آ، تنهنجي هرهڪ ٻول ۾.

”تو سوا آ ڪير منهنجو؟“ تو چيو هو ياد ڪر،
چو يقين ناهي رهيو، تنهنجو هينئر ڪنهن قول ۾

مون پرين! ڪا ٿي مڃيو هو، توڙي سڀ ڪنهن ٿي چيو:
”او ڇري! ڪجهہ سمجهہ ڪر ڇا ٿئي ڏنو هن رول ۾.

نيڻ آهن پنل هٿ ميٺديءَ رَتا،
پاڻ تو جهول ۾ لڙڪ آهن وَتا.

زندگيءَ جون خوشيون ائين وکري ويون،
ٽار تان ها ڇڻيا جڻ ته پيلا پَتا.

ساپيائن جي رڻ ۾ سدا پٽڪندي،
پير نازڪ اسان جا ٿيا بي سَتا.

مان ئي هڪ ڇو زماني جي لئه ٿي ويس،
گم ٿيل خواب ڪوءِ نه وسريل خَطا!

تو اسان کان وٺي چاهتون سانورا!،
دل کي اوسيئڙا ڇو ڪيا ٿي عطا؟

ڏس ڪنهن تنهنجو جيون خزان آ ڪيو،
ڪنهن جي لئه او سکي! ڇوڙيا ٿي ڇَتا.



جي چاهت ۾ تَن- مَنَ کي گهيري هليا ويا،
اکيون سي اسان کان ڇو ڦيري هليا ويا.

سچي زندگيءَ جا ڪيا جن ها واعدم،
اهي بس پهه-ٿي پِير سِيري هليا ويا.

ڪڇيا، ڪو نه ڪجهه پيي سيئي درد دل جا،
اکين مان رڳو لڙڪ ڪِيري هليا ويا.

اهي چند ڏينهن جا هئا ڪي مسافر،
اهي دل اسان جيءَ کي هِيري هليا ويا.

جڏهن سج اپريو ته چنڊ پي لکي ويو،
تارا به جهٽ پنهنجي ديري هليا ويا.

درد ڪيڏو اندر تي اثر ٿو ڪري،
ڦول جهڙين دلين کي پٿر ٿو ڪري.

ڪانءُ گهرجي انهيءَ کي ڪٿي ٻي پناهه،
ڪنهن جي نيڻن ۾ ڪوئي جي گهر ٿو ڪري.

ڪير ٿڪن جي پويان ڏسي لڙڪ ٿو،
ڪير ڇاٽي! هو ڪيڏو سفر ٿو ڪري.

پوءِ ڪيڏا اندر ۾ جلن ديپ ٿا،
هڪ دفعو، جي ڪٽي هو نظر ٿو ڪري.

هو ڳهيلو ڏسي ايڏا سپنا وڏا،
پنهنجي جيون کي ڇا لئهِ زهر ٿو ڪري؟

هو بہ عجب جهڙو هڪ شخص آ،
لوڪ جي ظلم کي درگذر ٿو ڪري.

هن جي پويان، وڇوڙي جا ڇيڙي قصا،
مون کي مايوس ڇو هي شهر ٿو ڪري.





غمگين حياتي هيءَ ڇاڪاڻ رهي آهي،
دل تنهنجي اسان کان ڇو اڻ ڇاڻ رهي آهي.

حالات تي آخر مان ڪو ڏوهہ ڏيان ڪهڙو؟
قسمت تہ ڦتل پنهنجي هيءَ پاڻ رهي آهي.

مهڪايو جڏهن کان آ، تو خواب نگر منهنجو،
سنسار ۾ هر پاسي چانڊاڻ رهي آهي.

جنهن ڏينهن کان جيون کي آ پيار مليو تنهنجو،
گيتن ۾ پرين! تنهنجي سرهاڻ رهي آهي.

دل منهنجي ڏڪائي خود پڇندا ٿا رهو هاڻي،
نيڻن ۾ اوهان جي ڇو آلاڻ رهي آهي؟

سپنا نہ رهيا ساڳيا ۽ ساڻ نہ سرهائي،
هڪ آءُ، ٻي گڏ مون سان آ منهنجي اڪيلائي.

سوچيان ٿي پئي هاڻي ان وقت تي مان ساجن!
ڇا پريت هئي پنهنجي ۽ ڪهڙي شناسائي؟

توڪان پوءِ هميشہ لئہ هن منهنجي حياتيءَ تي،
هر ٺهڪ ٺٺولي آ، هر لڙڪ تماشائي.

مون ٻيي نہ تمنا ڪئي، موتي نہ اها خود ٻيي،
ڪجهہ وقت خوشي مون کي جا راس هئي آئي.

ٿو چنڊ لڳي وياڪل، مايوس ستارا ٻيي،
جنهن وقت پيا تنهنجي ٿي سار اچي ڪائي.



هاڻي ايندو ڪير اوهان وٽ پنهنجو روح ريجهائڻ لاءِ،
ماڻهو روز بهانا ڳولهين هتڙي مَن رنجائڻ لاءِ.

خوابن تي هو پرندڙ تيلي روز رکي پيا ويندا هن،
وڏيو ڪو بہ نہ اڳتي آهي ڪائي آڳ اجهائڻ لاءِ.

پيار ۾ سمجهي ڪين سگهيو هو، ڪنهن ٻيي گهري سازش کي،
سارو لوڪ ئي هڪ ٿي بيٺو ڇا لئہ هن کي گهائڻ لاءِ.

ڪن ڏرجن جي اڳ ۾ ڪڏهن تنها سڙبو رهبو آ،
پر سي درد نہ هوندا آهن سڀ ڪنهن کي بہ ٻڌائڻ لاءِ.

ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ ڳهيلي موتين کي تون رولين پئي،
ڪو بہ نہ ايندو هتڙي توکي هاڻ سڪي پرچائڻ لاءِ.

ڪي ڪي درد گهٽائڻ وارا نہ تہ سڀ درد وڌائڻ لاءِ،
ٿورا آڳ اجهائڻ وارا، ڪيئي آڳ لڳائڻ لاءِ.

ڪهڙو چين مليو آتن کي، روز گلابي گيت ڏئي،
پاڳل شاعر گيت لکن ٿا، پنهنجو چين گنوائڻ لاءِ.

پرين هاڻ توکي پلائڻ ڏکيو آ،
چٽيل نقش دل تان مٽائڻ ڏکيو آ.

ڇڏيو چاهتن ۾ مون سڀ ڪجھ لُٽائي،
سُکيو جيءَ توڙي جلائڻ ڏکيو آ.

رڳو لڙڪ، سڏڪا ڏئي پئي جيڪا،
انهيءَ زندگيءَ سان نڀائڻ ڏکيو آ.

اڪيلائي پاڇي جيان مون سان شامل،
اداسيءَ کان دل کي بچائڻ ڏکيو آ.

وئين تون ته چوڦيرثي رُڃ پانيان،
سوا تنهنجي گهر کي سجائڻ ڏکيو آ.

اهو شخص جيڪو خوشيون ڏئي هميشه،
انهيءَ شخص جو مَنُ رنجائڻ ڏکيو آ.

ويو راز ڇاڻي، آ جيڪو زمانو،
اهو راز توکان لڪائڻ ڏکيو آ.

ﷻ



سک کھڙا اسان سان گڏ هردم ئي رهيا آهن،
ڏک سور هميشه لئه همدم ئي رهيا آهن.

ڇَئُه! خواب ڏسن کھڙا، مرکن ته پلا کھڙو؟
هي نيڻ پرين! جيڪي پرنم ئي رهيا آهن.

ٿا هير ٿڌي پاسن، جهولا ٿا لڳن کڏهن،
لهجا ٻه اوهان جا چڻ موسم ئي رهيا آهن.

سار آئي جڏهن تنهنجي، خط جو ٻه لکيم توڏي،
لڙڪن جا مٿان ان جي آگم ئي رهيا آهن.

تون جهول نه جهل جاني! مان ڪيئن ڏيان توکي،
ٿهکن ۾ سدا شامل هت غم ئي رهيا آهن.

کنهن کي ڏيئي ٿو، چنڊ اشارا ساري رات،
روز سڏن ٿا، آپ تان تارا ساري رات.

لفظ سمورا چڻ تہ نڙي ۾ اٽڪي پيا،
تڙپيا ڪيڏا گيت اجارا ساري رات.

سپنن ڪان جو خالي پنهنجا نيڻ ٿيا،
پٽڪيا سپنا اڄ ويچارا ساري رات.

چندرما ٿي عڪس ڏنو پئي پاڻيءَ ۾،
مرڪيا بيٺي ڏور ڪنارا ساري رات.

تنهنجي راهہ تڪيندي هن بي چين ٿيا،
منهنجي گهر ڏي ايندڙ چارا ساري رات.

چو اٽڪيا ها دشمن وانگي ٻئي،
هڪڙي جهڳي ٻيو پارا ساري رات.

چو ننڊ اکين کان هيئن اڄ رات رُسي وئي آ،
ڪيڏي آ ڏکهي اوندهہ پرپيات رُسي وئي آ.

جنهن ساڻ مون هرهڪ پل پاڇي جيئن گهاريو هو،
حيرت ٿي لڳي سا ڪيئن سوغات رُسي وئي آ.

ڪنهن دل جي اڇي در تي اڄ نيٺ پڪاريو آ،
چانئٺ تي ٻڌي ڪڙڪو سانت رُسي وئي آ.

پاڳل ٿي لڳا مان پيي سوچيان ٿي اجان ويٺي،
ايندي نہ اها واپس جا ڏات رُسي وئي آ.

جيون ٿو لڳي پنهنجو اڄ ”ٿر“ جي مثل مون کي،
واري ٿي ڪري واڪا برسات رُسي وئي آ.

پرين هاڻ توکي وسارڻ سکيو مون،
رهي دور توکان گذارڻ سکيو مون.

سوين رنگ تنهنجا نظر مون کي آيا،
جڏهن تنهنجي دل ۾ نهارڻ سکيو مون.

سي سپنا، جي مون لاءِ پٿر بڻيا ها،
انهيءَ پٿرن کي به ڏارڻ سکيو مون.

اکين منجهه ساگر اچي گڏ ٿيو هو،
تڏهن پنهنجي لڙکن کي هارڻ سکيو مون.

عجب جهڙو قتلام ٿو هي لڳي پيو،
تيئن آس هر هڪ کي مارڻ سکيو مون.

ڏنو ساٿ سورن جڏهن کان آ مون سان،
ته هر هڪ خوشيءَ کي ڏکارڻ سکيو مون.



نيڻ هر کو رهيو آ هميشه جهڙالو،
پوءِ ڇئو کيئن سرتيون! مان ڳايان جمالو.

هر دفعي هڪ نئون درد ملندو رهيو آ،
هردفعي آ اسان کوئي کاٽيو کشالو.

پيار جي هيءَ سزا رکي ڏيهه وارن،
سوچ پهرن ۾، شڪ ۽ زبان تي آ تالو.

پيتو مرکي اسان سچ ڏنو آ جڏهن پي،
زهر قاتل جو هٿ ۾ پري کوئي پيالو.

رات ساري، او ساجن! ستارن کي ميڙي،
آءُ آکاس تي ٿي لکان تنهنجو نالو.

ذکر جاتي به کو سونهن جو کنهن کيو هو،
صرف تنهنجو ئي آيو اتي هو حوالو.

ٻات واٽن تي رت ساڻ ٻاري ڏياٽيون.
مان اجان پي کيان ڏات لئه پئي اجالو.

رڳو لڙڪ، سڏڪا، مليون هن جفائون،
محبت ۾ ڪاٿي رهيون هن وفائون.

انهن کي سموريون چوندس مان ڳالهيون،
اوهان جي طرف کان گهليون جي هوائون.

اوهان سان ملڻ لئہ ڪڏهن جي گهريوسين،
ڳليـن ۾ اهي اڄ بہ پيٽڪن دعائون.

اتان موٽي پئجان پڏين تون جتان پيي،
حياتيءَ جي صحرا ۾ گونجيل صدائون.

زمانا! ڇو هن جا ستم سپ وساريئہ،
رڳو ياد آهن اسان جون خطائون.





ڳالهہ خوابن جي هتي ڪنهن ٿي ڪئي،
شام نيڻن ۾ لٿي ڪا سرمئي.

اڄ پرين! مون نانءُ ڇا تنهنجو ڪنيو،
واءُ ساڙولو ويو ڇا، ڇا ڇئي.

شور ڪيڏو چؤطرف برپا ٿيو،
بي سبب ڇو دل ڇري روئي پئي.

زندگي الجهن تہ ناهي پوءِ ڇو؟،
سوچ پيي منهنجي سڪي الجهي وئي.

سونهن نگريءَ مان خريديم خواب هڪ،
روح پنهنجي کي هزارين غم ڏئي.

ڏوڪا ئي ڏوڪا ڏئي ٿي زندگي،
موت جا هوڪا ڏئي ٿي زندگي.

جھول خوابن جا ڀري تنهن کي ڏنم،
جا رڳو سڏڪا ڏئي ٿي زندگي.

ڇا خبر ڪنهن پل ڪري مون سان جفا،
دل کي سَوَ ڪٿڪا ڏئي ٿي زندگي.

پيار جو بادل نہ ٿو مون تي وسي،
وڄ جا ڪڙڪا ڏئي ٿي زندگي.

اوپرا بہ رنگ ۽ ڏنڌلا سپئي،
آڻ ڇِتا خاڪا ڏئي ٿي زندگي.

قرب جي ڳالھہ هن وٽ نہ آ،
هر گهڙي دَڙڪا ڏئي ٿي زندگي.





مان هن ڏانهن ويندس نئين راهہ ناهي،
نہ روڪيو ڪٽي جي وڇان ٿي تہ ڇاهي.

سڄي عمر خوشبو جا گهر سُهڻا، سُهڻا،
مان ٺاهيان پئي جي وڃي واءُ ڊاهي.

اسر ويل اڀ تان ستارن جو منظر،
اچانڪ ئي مٿجڻ لڳو ڇاڻ آهي.

پرين! تو کي پائڻ جي هڪ آس ڪان پوءِ،
وري دل ۾ اپري ڪائي آس ناهي.

اها پيار ۾ ڪَٿ اجائي آ ساٿي،
تہ ڪيڏو ڪوئي ڪير ڪنهن کي ٿو چاهي.

تاريخ جو بن ۾ ڪو ڪردار ٿو پيٽڪي پيو،
غمگين نگاهن ۾ سنسار ٿو پيٽڪي پيو.

هر رات جي پوين هڪ سورج ٿو پيو ڊوڙي،
پاڇي جي پٺيان ڪوئي اظهار ٿو پيٽڪي پيو.

جنهن دُوار تي ڪو ٻيهر ايندو نہ وري موٽي،
ان دُوار اڃا تائين سينگار ٿو پيٽڪي پيو.

جنهن ڏينهن کان هڪ ساٿي ويو هن کي ڇڏي آهي،
تنهن ڏينهن کان ڳلين ۾ بيڪار ٿو پيٽڪي پيو.

هڪ آس جيئڻ جي هن جا دل ۾ رکي سانڍي،
هر سمت انهيءَ جي لئہ انڪار ٿو پيٽڪي پيو.

ڪو سونهن متان ان جي چورائي وڃي ڪڏهين؟
ڊرتيءَ جي متان هڪڙو شهڪار ٿو پيٽڪي پيو.

هن شهر ۾ هڪ شاعر، هو گيت ورهائيندو،
اڄ ان جو هوائن ۾، هِت پيار ٿو پيٽڪي پيو.



سار تنهنجي ٿي رهي هر پل پرين!،
من اسان جو آ صفا پاڳل پرين!.

هاڻي ڪاٿي چين پائن ٿيون اکيون؟
هاڻي ڪاٿي، ٿي مچي پئي دل پرين!

ساٿ تنهنجي سان ئي مرڪي زندگي،
هڪ گهڙي پِي ڪين تي اوجهل پرين!

نفرتن جي ڏيهہ ۾ جالڻ ڏکيو،
پيار گهرجي ٿو پيو هر پل پرين!

پنڌ اوسيئڙي جو جهاڳيندي ڪَٽَن،
مون ڪٽيون راتيون ڪِئي هيڪل پرين!

نانءُ ڪو تنهنجو ڪٺي ٿو مون اڳيان،
هينئڙي ۾ ٿي پوي هلچل پرين!

گيت منهنجا ٿا سپئي سڏڪا ڀرن،
لفظ منهنجا ڄڻ سپئي گهايل پرين!

اچي صبح سان ٿو سويلو پرين،
ڪٿي ٿو ڏسي درد ويلو پرين.

رڳو ٺهڪڙا، ڪيڏي محفل متل،
مگر ساھہ منهنجو اڪيلو پرين.

ايئن من ۾ يادون ڦٽيون هن جيئن،
سنڌوءَ جي ڪناري ڪو ٻيلو پرين.

ڪڏهن ڪين سمجهيو نہ سوچيو ڪڏهن،
سدا جيءُ پنهنجو ٻگهيلو پرين.

آ جيون جيئن گم ٿيل ٻار لئہ،
لٿل منهن ۽ ويران ميلو پرين.

لڙيو سج ساجن! نہ وڃ تون هتان،
ٿيو وقت ڪيڏو اويلو پرين.

ايڏو چو مان وسري وئي هان،
دل مان تنهنجي نڪري وئي هان.

ياد هوا ۾ ساجن! توبن،
پَن پَن ٻڻجي وکري وئي هان.

تنهنجي چاھہ ۾ ڄاتم هاڻي،
ڏور گهڻو مان اڏري وئي هان.

چوڏس چانيل اوندھہ هئي پر،
تنهنجي ساٿ سان نکري وئي هان.

توکي ڳولهڻ لاءِ پيا، مان،
اُپ سمورو اُکَري وئي هان.

اڻ-واقف جيئن ڪو نہ سڃاڻئہ،
ٻر مان توڙي گذري وئي هان.

سار مون کي سکي تون نہ ايڏو گھٽو،
ماڳ منھنجو اٿئي ڪجھہ اجان پرڀرو.

مون کان پوءِ منھنجي لئہ تون نہ پئي روئجان،
آءُ ويندس ھلي تو وٽان اوچتو.

تنھنجي چاھت جوءِ پنھنجي لڙڪن جو مون،
رات تارن سان ويٺي ڳنڍيو سلسلو.

واءُ ساريون نشانيون لٽيندو ويو،
توڙي اڳتي وڌڻ جو ھيو حوصلو.

شال ڪڏھين پڇي ختم ڪو نہ ٿئي.
خواب رستن جو ھلندڙ پيچرو.





جيون ڳُگھہُ انڌيرن ۾،
گھرن گھاون گھيرن ۾.

مون آ پل پل پيار ڏٺو،
ڪارن ڪُوجھن ميرن ۾.

ڪاٿي اوچو ڳاٽ ٿيو،
ڪاٿي عزت پيرن ۾.

ڪھڙين خوشين کي ڳولھيون؟
دردن جي ھن ديرن ۾.

تنھنجو منھنجو ساٿ نہ ڪو،
پٽڪون نہ چو پيا پيرن ۾.

تنهنجو هٿ خنجر ۾ آ،
زندگي پڏتر ۾ آ.

آ عبادت عشق، يا،
بندگي پٿر ۾ آ؟

وات جي خشڪيءَ جو ڇا،
اُڄ سڄي اندر ۾ آ.

سڄ لهي ويو آ اجان،
ديد تنهنجي در ۾ آ،

ياد تنهنجي او پرين!
دل جي خالي گهر ۾ آ.

ڀاڳ ۾ ڇاهي لکيل؟
سو ٻڄهي ڪاڳر ۾ آ.



جيون آهہ عذاب جيان،
تنهنجي ٺوپُ جواب جيان.

خوشيون تنهنجي سامنهن هن،
مُنهن تي چڙ تہ نقاب جيان،

تو بن تَسيا ءِ فاقا،
منهنجي لاءِ ثواب جيان.

چهرو پنهنجو لڳي ٿو اڄ،
مون کي خشڪ گلاب جيان.

دل ۾ تنهنجي ياد آئي،
ديري منجَهہ نواب جيان.

مون سان ملندو ڪر نہ ائين،
جيڏا! ڪنهن بہ جناب جيان.

اڄ ڪلهہ تنهنجي آڏو مان،
آهيان بند ڪتاب جيان.

ڦـھـلـي هُـتِ اونـداهـ اڪـيـن،
هِت پيا پلجن چاهـ اڪين ۾.

سـاجـن سـاري اٿـلـي پـيـا اڄ،
دردن جـا دريـاهـ آڪـيـن ۾،

مـون ڪـي پـائـڻ لاءِ پـيـارا،
ڳولهي وٺ تـون راهـ اڪين ۾.

تو ڪي ڏسندي مَنُ پيو مرڪي،
ٿـي ويـا تـوسـان ٿـاهـ اڪـين ۾.

ڏک ۾ هيڪل ڪونـ ڇڏينديون،
ڏاڍا اٿـم ويسـاهـ اڪـيـن ۾.





سـوچـن تـي ڪـو پـهـرو آهـي.
ڪـومـاٽـيـل هـر چـهـرو آهـي.

ماڳ محـبـت جـي ڏي ويـنـدي،
گـهـاءُ مـلـي ويـو گـهـرو آهـي.

راهـ تڪيندي تنهنجي سانول،
جـهـونـگـاريـو ڪـو سـهـرو آهـي.

ڪيئن ٿا هَن ڪي باهـ ڏيو هي،
پـنـهـنـجـو ئـي آڪـيـرو آهـي.

سـاٿـي سـڪ تـہ سـاٿ ڇـڏي ويـا.
تـنـگ غـمـن جـو گـهـيـرو آهـي.

گهر گهر ۾ آ گهاٽو وري،
هر شخص ويڳاٽو وري.

ڪلندي ٽميو ڳوڙها پوَن،
سورن ڪيو ساٽو وري.

جُڙندي نہ ٻيهر ڪاڪ هت،
ايندو نہ ڪو راٽو وري.

پرسان لنگهي وئين ماٺ ۾،
ڇا لئہ ڪيئہ ماٺو وري.

اڄ پيي پرين! پرچي بہ پَئہُ،
ضد ڇڏ نہ ٻاراٽو وري.



اڻپورا سپ خواب رهيا هِن،
ملندا روز عذاب رهيا هِن.

سوالن تي ڇا سوچيون ويٺا،
منفي هُتِ جواب رهيا هِن.

دل تان پردا کسڪيا هن پر،
منهن تي پوءِ بہ نقاب رهيا هِن.

ڪنڊا ڪنڊا جيون سارو.
رتو رت گلاب رهيا هن.

ملجي ڪيئن توهان سان ساجن!
انگ آنگ منجهہ حجاب رهيا هن.

وڇوڙي جو ڄڻ ڪوئي منظر لڳي ٿو،
اوهان بن هي ويران اندر لڳي ٿو.

اچانڪ ٿئي ٿو ائين عرش ڳاڙهو،
ڄڻ سورج جي سيني ۾ خنجر لڳي ٿو.

سڄي رات امبر ۾ رلندو وتي ٿو،
سڪي! چنڊ ڀي مون کي بي گهر لڳي ٿو.

هزارين عذابن کي مرڪي سَهي ٿو،
هو ماڻهو مون کي ڪوئي پٿر لڳي ٿو.

هتي مون کي هن جي جدائيءَ پڄاڻان،
پرائو سڄو شهر اڪثر لڳي ٿو.

پرين! پيار تنهنجي بنا محفلن ۾،
مون کي پنهنجون جيون اُڃو ٿر لڳي ٿو.



هو ڪڏهن جيڪي هئا پنهنجا لڳا،
اڄ اهي، مونکي رڳو پاڇا لڳا.

خواب رستا جيڪي نيڻن ۾ هئا،
رُڃ ورتل سي سڀئي رستا لڳا.

جي وڇوڙي ۾ گذاريا مون سڪي!
زندگيءَ تي بار سي لمحا لڳا.

جيڪي تنهنجي لئه ڳُڙيا ڳوڙها پرين.
ماڪ کان ڀي وڌ اهي اجرا لڳا.

منهنجي دردن جي نه ٻي ڪا ڳالهه ڪر،
پيار تي الزام ڏس ڇا ڇا لڳا.

ڏور مون کان ٿا رهن جيڪي سدا،
سي هميشه ساهه کان ويجها لڳا.

نہ ڏور ايڏو گذار جاني،
نہ ڪر اسان کي تون ڏار جاني.

نہ چيڙ دل جون اداس تارون،
نہ هاڻي مون کي پڪار جاني.

اچئي اسان جي، جي ياد ڪائي،
پہ لڙڪ نيڻن مان هار جاني.

منهنجي جيون جي عيوضي ۾،
ڏي مرڪ هڪڙي اڌار جاني.

اسان کي پنهنجو بنائي هيڪر،
اجاڙ جيون سنوار جاني.





لفظ خنجر ڪري گهاءُ ڏيندو رهي ٿو،
درد جيون ۾ هرپل پريندو رهي ٿو.

جاءِ ڪنهن جي اندر ۾ نہ جوڙي سگهيو،
رڳو محل اونچا اڏيندو رهي ٿو.

مونکان سواءِ جڻ اڌورو لڳي ٿو،
ياد مون کي ڪري هو سڏيندو رهي ٿو.

توکي چاهڻ ڪان هي دل ڪٿي ٿي مڙي،
توڙي لوڪ سارو جهليندو رهي ٿو.

مان وسارڻ جي ڪوشش ڪيان ٿي مگر،
هو ويتر گهڻو ياد ايندو رهي ٿو.

ڇو ڪوئي اڪيلو آ، چارا بہ نہ ٿا ڄاڻن،
ڏک ڪنهن جي اندر جو دل وارا بہ نہ ٿا ڄاڻن.

پيڙا جي سفر ڪان پوءِ سرجن ٿيون سِٽون ڪيئي،
هيءَ ڳالهہ تہ هٿ پنهنجا پيارا بہ نہ ٿا ڄاڻن.

چپ چاپ ڇو لهرن ۾ ڪي لڙڪ ٿيا شامل،
طوفان جو تِڪُ ساگر، ڪارا بہ نہ ٿا ڄاڻن.

چنڊ ڪيڏو اداس آهي، تنها ٿو هجي جڏهين،
افسوس جو امبر جا تارا بہ نہ ٿا ڄاڻن

ڪيئن رنگ اداسيءَ جو ڇانيو آ سکي! ڇوڏس،
هن حال کي گورا يا ڪارا بہ نہ ٿا ڄاڻن.



پريتم جڏهن ڪان خدا ٿي ويو آ،
تہ آغاز ۾ انتها ٿي ويو آ.

نہ مرڪي، نہ جهومي نہ ڳائي ٿو هي منُ،
سکي! هو جڏهن ڪان جدا ٿي ويو آ.

نہ ڪوئل ڪان ٿي هڪڙي ٽالهي ڀَري، پر،
سڄو جڳ ئي هن ڪان خفا ٿي ويو.

رکي هر ڪو ميڙي ٿو سانڍي اندر ۾،
محبت جو غم بي بها ٿي ويو آ.

پري خواب نيڻن ۾، موتيو آ جيئن هو،
سڄي لوڪ لئہ هڪ ڪٿا ٿي ويو آ.

ويو چوطرف پئجي ڇوڀول آهي،
”فهميءَ“ جو پرين جي وفا ٿي ويو آ.

پرين! تنهنجون يادون جڏهن ٿيون پون،
ٿي مرڪي هوا، رقص بادل ٿا ڪن.

اچي ياد ٿو وقت گذريل جڏهن،
سوين عڪس دل تي تري ٿا اچن.

سوا تنهنجي سپنا، خوشيون، محفلون،
سڀئي ساهہ کي اوپرا ٿا لڳن.

ضدي ساپياڻون نہ رڪبيون ڪڏهن،
پٽيان، خواب ڪيڏا بہ سڏڪا پرن.

ڪڙن چنڊ ٿا رات جي سانت ۾،
جڏهن گيت سندر ٿا شاعر لکن.

جڏهن پيار پوتر ٿا ارپيو تڏهن،
نظارا اسان ڏي ٿا مرڪي ڏسن.



چڏي مون کي اڪيلو هت هليو وئين دور او بابا.
ڏس توکان پوء حياتي هي سراپا سور او بابا.

هولفظ کي ڪري ڪاتي وڍن ٿا روح منهنجي کي،
زماني جو ازل کان هي چو رهيو دستور او بابا.

ڏکايل کي ڏکائڻ جي ئي ر وش آهي پراڻي هت،
ٽُٽي پئي دل صفا هتڙي، ٿي چڪنا چور او بابا.

موٽي آ منهنجا بابل چمان پير مان تنهنجا،
وهن ٿا لڙڪ نيڻن مان آهيان مجبور او بابا.

پنهنجي پوتر پيار جي،
سندر سپنن ۾
گوري گم ٿي وئي.

پن ڇڻ آئي درد جي،
وکري پن پن ۾
گوري گم ٿي وئي.

ساري دنيا ڪان پري،
ڪهڙي الجهن ۾
گوري گم ٿي وئي.

سوچن ۾ ويڙهيل سدا،
الجهيل لفظن ۾
گوري گم ٿي وئي.

جا راتين جو چنڊ هئي،
سا پل ڪن ۾.
گوري گم ٿي وئي.

رُت بسنتي زندگي،
چنچل جوين ۾.
گوري گم ٿي وئي.
گوري گم ٿي وئي.



سڏڪڻ واري هر ساٿيءَ کي،
سانئڻ تون پرچاءِ
گيت ڪو اهڙو ڳاءِ

نفرتن کي هَڻُ اڇلي کڏ ۾،
مُرڪن کي ڦهلاءِ
گيت ڪو اهڙو ڳاءِ

پاڻ نہ ڪنهن کي ڪارو ڪوجهو،
سڀ جا سڏ ورلاءِ
گيت ڪو اهڙو ڳاءِ

سسئي، سهڻي مومل بڻجي،
پنهنجي منزل پاءِ
گيت ڪو اهڙُو ڳاءِ

محبت موتي، مالها پوئي،
جَڳ جَڳ جوت جلاءِ
گيت ڪو اهڙو ڳاءِ

لِڳُ لِڳُ رڻ ٿِيو آ،
جيون پوڳيو آ،
پل پل پيڙائن ۾.

هيڪل قاتل جيئڙو،
غم جي غفائن ۾،
پل پل پيڙائن ۾.

ساري عمر گذاري آ،
تنهنجي پڇائن ۾
پل پل پيڙائن ۾.

ماڻي ڏاڍي ذات مون،
سختين سزائن ۾
پل پل پيڙائن ۾
پل پل پيڙائن ۾



ساجن ساهه سڙي،
توکي ياد ڪري
جيون جي هر موڙ تي

ساٿي هر هر سارو تنهنجون،
پيو ٿو جيءُ جهري
جيون جي هر موڙ تي

تون ڪان پوءِ نہ ٿو ڪو مَنَ ۾،
چاهت چنگ چُري
جيون جي هر موڙ تي

ٽانڊن جهڙا نيڻ اوجاڳيل،
اندر آڳ ٻري
جيون جي هر موڙ تي.

منهنجو پيار هميشہ مون ڪان،
اڻ ڪٿ آس گُهري،
جيون جي هر موڙ تي.

پنهنجو نانءُ وٺڻ مان چاهيان،
تنهنجو نانءُ ٻُري
جيون جي هر موڙ تي.

تنهنجي ياد ايندي آ اڪثر
مون وٽ پير پري،
جيون جي هر موڙ تي.

جيئن جدا درياهہ ڪنارا،
پاڻ بہ ائين پري
جيون جي هر موڙ تي.
جيون جي هر موڙ تي.

جيڪر زهر پيان،
ڪنهن جي لاءِ جيئان
جيڏيون! هن سنسار ۾.

ساجن سوا هيڪلي،
هاٺي ڪيئن ڪيان؟
جيڏيون! هن سنسار ۾

سورن ساڙيو ساهه ڪي،
پڙڪي باهه جيان
جيڏيون! هن سنسار ۾

سامهون سُڄَ ڏسان پئي،
ڪنهن کي سڏ ڪيان
جيڏيون! هن سنسار ۾

جتي هوت چڏي ويو،
اتان ڪو نه هٿان،
جيڏيون! هن سنسار ۾

هڪڙو پيرو شل وري،
پنهل ساڻ مِلان
جيڏيون! هن سنسار ۾
جيڏيون! هن سنسار ۾





مون سان گڏ آ اوسيئڙي ۾،
چوڏس چندرمان
ڪڏهن ايندين سانورا

ڪاڳر اپ تي توڏي نياپو،
لڙڪن ساڻ لکان
ڪڏهن ايندين سانورا

تارن جي جهرمر ڪان تنهنجو،
پئي ٿي ڏس پڇان
ڪڏهن ايندين سانورا

ڏاڍو ڏور رهين ٿو تون ۾،
هتڙي آءُ لڇان
ڪڏهن ايندين سانورا

وڏ ڦڙي جيان وسندو، وسندو،
ڪارن ڪڪرن مان
ڪڏهن ايندين سانورا

منهنجون يادون تو وٽ پهتيون،
آسر هوائن سان
ڪڏهن ايندين سانورا
ڪڏهن ايندين سانورا

سرتي! سچ سچاڻ،
هيل نہ ايندو وڻجارو

وڪريل سپنا ياد ڪري ٿي،
روئين ڪنهن جي ڪاڻ؟
هيل نہ ايندو وڻجارو

سڪڻا سارا رستا ٿي ويا،
سڄ لهي ويو هاڻ
هيل نہ ايندو وڻجارو

ڪاري رات سفر ۾ توسان،
اوسيئڙو آ ساڻ
هيل نہ ايندو وڻجارو

هاڻ تہ ساوڻ پڻ ويو گذري،
تون بہ ٻَلي وڃ پاڻ
هيل نہ ايندو وڻجارو
هيل نہ ايندو وڻجارو

ﮗﮘ



جڏهن بہ ٻولي ڪانءُ،
مون کي ياد ڪندين

ڪنهن پر تنهائيءَ ۾،
لکي منهنجو نانءُ
مون کي ياد ڪندين

اڀ تي هيڪل چنڊ جيان،
هيڪل پسي هانءُ
مون کي ياد ڪندين

جيڏا جيون مون بنا،
رهندءِ خالي ٿانءُ
مون کي ياد ڪندين

ڪونہ اڃا تائين سکئين،
پرچائڻ جو ڏانءُ
مون کي ياد ڪندين

سپنن ۾ هر رات جو،
توسان هوندس آنءُ
مون کي ياد ڪندين
مون کي ياد ڪندين

ﮗﮘ

نرملتا جو نينهن،
توکي ڳولهي ٿو

پاڻ سنڀالي هل سکي،
ماڻهو هر کو شينهن
توکي ڳولهي ٿو

اکڙين جي آکاس تان،
وڏ ڦڙي جو مينهن
توکي ڳولهي ٿو

پويان پاڇولي جيان،
ڏک کو سارو ڏينهن
توکي ڳولهي ٿو
توکي ڳولهي ٿو



کنڊا کارا چوڏس پانيان.
احساسن جا گل
کاٿي رهجي ويا!!

آءُ تہ آيس اڳتي نکري،
پويان هيڏا هُلَ
کاٿي رهجي ويا!!

تنهنجي ساٿ ۾ جيکي گذريا
سي سڀ پَل آپل
کاٿي رهجي ويا!!

خوشبو جهڙا سپنا سارا،
مون کي کانهي کَلَ
کاٿي رهجي ويا!!

وڇڙڻ ويلي پاڻ پنهي جا،
پيارا تهڪ اَمُلّ
کاٿي رهجي ويا!!
کاٿي رهجي ويا!!

ڏيهہ سچو اونداهہ،
پيار تنهنجو سوجهرو

ڌرتي ساڙي پير ٿي،
سورج اڇلي باهہ
پيار تنهنجو سوجهرو

منهنجي هر هڪ خواب جي،
توڙي ايندي راهہ
پيار تنهنجو سوجهرو

چين نہ ٿو دل کي ملي،
تڙپي پيو ٿو ساهہ
پيار تنهنجو سوجهرو



ڪانهي ڪنهن جي ڪاڻ،
ناهيان آءٌ اڪليڙي

هڪڙا ساٿي سڏڪا ۽ پيا،
ڪاڳر قلم ساڻ
ناهيان آءٌ اڪيلڙي

وياڪل وياڪل اکڙين ۾ آ،
موج پريو مهراڻ
ناهيان آءٌ اڪيلڙي

منهنجون ويجهيون ساهيڙيون هِنِ
تنهنجون يادون هاڻ
ناهيان آءٌ اڪيلڙي

مون کي سمجهڻ ڪان بهتر ٿئي،
پنهنجو پاڻ سڃاڻ
ناهيان آءٌ اڪيلڙي
ناهيان آءٌ اڪيلڙي

ڪانهي روح رهاڻ،
روئي پاند پسي ويو
جيجل! جانب ڪاڻ

ڪين رهان ٿي هيڪلي،
سارون پل پل ساڻ
جيجل! جانب ڪاڻ

هئہ هئہ هوت هليو ويو،
هت نہ رهان مان هاڻ
جيجل! جانب ڪاڻ

هن سان گڏ هوندي هئي،
مَنَ ۾ خوشين ڪاڻ
جيجل! جانب ڪاڻ

پچندي پنڌ اچي وئي،
اکين ۾ آلاڻ
جيجل! جانب ڪاڻ

ان ڪي ارپيان شال مان،
جيئري پنهنجو پاڻ
جيجل! جانب ڪاڻ



پيار تنهنجو چانورو،
مان تتل صحرا پرين

هر اندڌيري رات ۾،
منهنجي لئہ تون سوجهرو
مان تتل صحرا پرين

ڪيڏو ڳولهين ٿيون اکيون،
ڪاٿي آهي بانورو
مان تتل صحرا پرين

هر اڙانگي راهہ ۾،
خواب ٿئي ڪو پيچرو
مان تتل صحرا پرين

سک ملندو پوءِ پرين،
ڏک ٿئي پئي پرپرو
مان تتل صحرا پرين

منهنجي جيون کي رڳو،
چاهتن جو آسرو
مان تتل صحرا پرين
مان تتل صحرا پرين

هر من ۾ ويراڳ،
مون کي سُک ڪٿان اچي

تو جو ڇيڙيو درد جو،
اهڙو راڳي راڳ
مون کي سُک ڪٿان اچي

هڪ ته آءٌ به اوپري،
پيو اڻ ڄاتو ماڳ
مون کي سُک ڪٿان اچي

پيڙا سپ ڪنهن کي ڏئي،
پنهنجو پنهنجو ڀاڳ
مون کي سُک ڪٿان اچي

سپنا تين نه ساپيان،
وسريم واس مساڳ
مون کي سُک ڪٿان اچي

هلندي پير پٿون ٿيا،
پنڌ ڪٽي نه اجهاڳ
مون کي سُک ڪٿان اچي
مون کي سُک ڪٿا اچي



بادلن جي اوٽ ۾،
ڪنهن کي ايڏو چاهه مان
چنڊ ٿو گهوري ڏسي

من جي پيڙا ٿي وڌي،
هر گهڙي پئي ٿي لڇان
چنڊ ٿو گهوري ڏسي

ڪيڏي چنچل آ سکي،
آڪيو ٿي ڪهڪشان
چنڊ ٿو گهوري ڏسي

ڏيهه هي سارو ڇڏي،
تنهنجي نيڻن ۾ لِڪان
چنڊ ٿو گهوري ڏسي

چانيل ڪاري رات آ،
اڄ به ڪنهن جي گهر مٿان
چنڊ ٿو گهوري ڏسي

ايري آيو اوچتو،
هڪڙو ننڊڙو خواب
منهنجي نيڻن ۾

تنهنجو سپنو ڇا هيو؟
مرڪيو ڇڻ تہ گلاب
منهنجي نيڻن ۾

توڙي اچان هان مگر،
”اچان آهي حجاب“
منهنجي نيڻن ۾

توبن بڻجي ويو پرين،
هر هڪ پل عذاب
منهنجي نيڻن ۾.

هن بن پڙهندو ڪير پيو؟
ڪليل هيءُ ڪتاب
منهنجي نيڻن ۾.
منهنجي نيڻن ۾.





جُهومي ڳائي من،
ڪاش اچي ساجن

جيسين منهنجي جيون ۾،
ترسيل آ جوين
ڪاش اچي ساجن

گهر آڳر جي تالهيءَ جو،
جهولي ڇئي پن پن
ڪاش اچي ساجن

سانوڻ رت جي برکا جيئن،
هت بہ وسي پل ڪن
ڪاش اچي ساجن

خوشبو، رنگ پکيڙڻ لئہ،
گيت لکي ونجن
ڪاش اچي ساجن

روز هوائن ۾ وکري،
سپنا تا سڏڪن
ڪاش اچي ساجن
ڪاش اچي ساجن

ڏار جي آهيون پٺئي،
جاني پوءِ جوڀن
ڪهڙي آهي ڪم جو؟

ڪين ٿو سوچي پرين،
مونجهو مونجهو مَنُ
ڪهڙي آهي ڪم جو؟

سمنڊ ڪناري سج جو،
منظر ڪو توبن
ڪهڙي آهي ڪم جو؟

تون جو ناهين تو بنا،
خالي هي جيون
ڪهڙي آهي ڪم جو؟

ٽُٽي پٺي جي تار تان،
پوءِ پيلا ڪو پَنُ
ڪهڙي آهي ڪم جو؟
ڪهڙي آهي ڪم جو؟



هڪ بس تنهنجي سارَ
پيو ڇا؟ منهنجي زندگي!

اڇلايل ڪنهن ڪنڊ ۾،
ڪالهوڪي اخبار
پيو ڇا؟ منهنجي زندگي!

وڌندو روز وڃي پيو،
دردن جو انبار
پيو ڇا منهنجي زندگي!

جيئن آ تازي گُلَ ۾،
پل ڪَن جي مهڪار
پيو ڇا؟ منهنجي زندگي!

تنهنجا سپنا، ڳالهيون،
مون لئه چڙ سنسار
پيو ڇا؟ منهنجي زندگي!

دنيا ۾ ڪجھ ڪين آ،
تنھنجي ھڪ نھار
پيو ڇا؟ منھنجي زندگي!

توکان دور رھي ڪري،
لڙڪن جي آ لار
پيو ڇا؟ منھنجي زندگي!

مرڪن جي ھن ديس ۾،
سڏڪن جو اظھار
پيو ڇا؟ منھنجي زندگي!
پيو ڇا؟ منھنجي زندگي!



ڳوڙھا ڪين وھاءِ،
موتي تنھنجي لاءِ
ايندس آءٌ وري

تنھنجي دل ۾ يادن وانگر،
ڪڏھين ھاڻي الاءِ؟
ايندس آءٌ وري

سڀ ئي سڏڙا ڪين سھي جي
ھڪ ئي سڏ وراءِ
ايندس آءٌ وري

پوري پنھنجي آس ڪرڻ لاءِ،
مون کي روز ڳھراءِ
ايندس آءٌ وري

ديپ اجھامن جيسين سڀئي
تسين ويتو ڳاءِ
ايندس آءٌ وري

اکڙين اپ تان لڙڪن برکا
ھائي ڪين وساءِ
ايندس آءٌ وري

اوسيئڙي جو چوواٽي تي،
سرتي ديپ جلاءِ
ايندس آءٌ وري

منهنجي قسمت تي،
قلم ڪلي تو

سِسڪي ۽ سڏڪا پري،
پنهنجي غربت تي
قلم ڪلي تو

ماڻهو سڏريل دؤر جا،
تنهنجي عظمت تي
قلم ڪلي تو

خالي خط، پت ٿا لکون،
اهڙي چاهت تي
قلم ڪلي تو

تون، مان وڇڙياسين تہ پوءِ
هر هڪ ساعت تي
قلم ڪلي تو
قلم ڪلي تو



مون سان گڏجي ياد سفر ۾،
چنڊ ٿو جاڳي

ٻاهر چو ٿو ڳولهين سپرين،
تنهنجي پنهنجي اندر ۾
چنڊ ٿو جاڳي

پيو تہ سمورو لوڪ ستو آ
باقي هڪڙو هن شهر ۾
چنڊ ٿو جاڳي

اٽتر، اڻ ڪُٿِ اوسيئڙي جيان،
منهنجي ڪٿ تي منهنجي پر ۾
چنڊ ٿو جاڳي

آخر ڪنهن لئہ رات سموري،
هيڪلڙو هڪ گهر آڳر ۾
چنڊ ٿو جاڳي
چنڊ ٿو جاڳي

رات مون ڏاڍو رُنو،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ

آخري خط پيي سڄو،
لڙڪ لاڙيندي پنو
تنهنجي وئي ڪان پوءِ

ننڊ نيڻن مان وئي،
اڌ ۾ سپنو ڇنو
تنهنجي وئي ڪانپوءِ

زندگيءَ جي بڪ منجهان،
پيار جو ڦاڙيم پنو
تنهنجي وئي ڪانپوءِ
تنهنجي وئي ڪانپوءِ



ٻڏندي ۽ ترندي رهي،
منهنجي نازڪ دل
۽ هو هليو ويو

ترسي مون وٽ ڪجهه گهڙيون،
پير ۾ رکي گُل
۽ هو هليو ويو

مَس مَس مرڪيا نيڻ ها،
لڙڪ ڏئي جل ٿل
۽ هو هليو ويو

آءُ ائين ڏسندي رهيس،
جيئن ڪوئي پاڳل
۽ هو هليو ويو
۽ هو هليو ويو

کنهن سان نيڻ ملائي آئي.
پاڳل جهڙي ڇوڪري

ڪاري رات پلاند ۾،
اوسيئڙا ڇورائي آئي،
پاڳل جهڙي ڇوڪري

هڪ شهزادو ڇوڪرو،
گهورن سان اڄ گهائي آئي
پاڳل جهڙي ڇوڪري

وڻ ٽڻ ٻوٽا ۽ وليون،
منظر سڀ مهڪائي آئي
پاڳل جهڙي ڇوڪري

پنهنجي وچڙيل پيار کي،
منزل تي پهچائي آئي
پاڳل جهڙي ڇوڪري

ڪوبہ نہ ڄاڻي ڪيترا،
وعده توڙ نڀائي آئي
پاڳل جهڙي ڇوڪري
پاڳل جهڙي ڇوڪري



الا! مان اڻ ڄاڻ،
پيچرا ڪيڏا ڏگها
الا مان اڻ ڄاڻ

ٻاٽ اوندهہ بي وسي،
ناهي ڪوئي ساڻ
الا مان اڻ ڄاڻ

دل ڌڪن جي ڄار ۾،
ڦاسي پئي آ هاڻ
الا مان اڻ ڄاڻ

اڌري وچجي اُپ ڏي،
پئي سڏي ڇانداڻ
الا مان اڻ ڄاڻ

واٽ تي ڪندا رکي،
مرڪي پئو ٿا پاڻ
الا مان اڻ ڄاڻ

ڏرتيءَ ۾ آ رهيو،
پيار مون لئہ چانورو.

چنڊ جهڙو، پريت جهڙو،
پريت جي ڪنهن گيت جهڙو،
منهنجي مَنَ جو بانورو،
پيار مون لئہ چانورو.

هر گهڙي مون ڪي سڏي ٿو،
ڪوئي چنچل خواب هڪڙو،
ٻاٽ ۾ ٿي سوجهرو،
پيار مون لئہ چانورو.

نينهن پنهنجو روشني ٿئي،
روشني جا زندگي ٿئي،
زندگيءَ جو پيچرو،
پيار مون لئہ چانورو

عاشقي پنهنجي آ آئين،
رات جو تارن ۾ جيئن،
چنڊ جهڙو مامرو،
پيار مون لئہ چانورو.



اسان پيار وارن جي ساري حياتي،
ڪڏهن رات راڻي، ڪڏهن اک جو پاڻي،
انوکي ڪهاڻي!!

جدائي، وڏا ڏاڍا ايذاءَ ڏئي،
جڏي جيءَ کي پل پل جا سو داد ڏئي،
جڏهن آس جي ڪا ڏياتي اجهاڻي،
انوکي ڪهاڻي!!

محبت جيئڻ جو وڏو آسرو آ،
ڪڻي پير اڳتي نہ ڪوئي هٽيو آ،
حقيقت نہ ٿيندي آ ڪڏهن پراڻي،
انوکي ڪهاڻي!!

چريو چنڊ بہ چاهت ۾ ڦٽڪي پيو ٿو،
وٺي روشني هن ڪان چمڪي پيو ٿو،
جتي پيار آ سونهن اوڏانهن اڏاڻي،
انوکي ڪهاڻي!!

اگر مان نہ هوندس، تہ هي گيت هوندا،
اتي ڳائبي پئي جتي ميت هوندا،
سدا شاعري لڙڪ ۾ مرڪ هاڻي،
انوکي ڪهاڻي!!
انوکي ڪهاڻي!!

چوڏس ٿئي مهڪار،
گيت ڪي مينديءَ رتڙا لڪجن.

چنڊ جي اجري جوين جهڙو،
ڪوئل سندر گيت چوي ڪو،
جيڪر هڪڙي پل لئہ ٿي پئي،
خوشبو هي سنسار.
گيت ڪي مينديءَ رتڙا لڪجن.

مکڙيون ساريون رابيليءَ جون،
ورتيون آهن جهول پري مون،
وقت! اچا ڪجهہ ترس هو جيسين،
پاڻ اچي هڪوار.
گيت ڪي مينديءَ رتڙا لڪجن.

آشا هر ڪا ٿڪجي پئي آ،
پنتي ڪاٿي رهجي وئي آ،
هاڻي مهلت ڪاٿي ڏيندو؟
جيون جو وهنوار.
گيت ڪي مينديءَ رتڙا لڪجن.

توبن پل پي ڪونہ سري ٿو،
من ۾ محبت مچ ٻري ٿو،
سرتا! تو ڪان ڪونہ مليو ٿم.
ٿورو پي تہ قرار.
گيت ڪي مينديءَ رتڙا لڪجن.



سچي عمر ماڻهوءَ جي مَنَ کي کپن ٿا
جيئڻ جا حوالا
جوالا، جوالا!!
ڪڏهن رنگ مينديءَ جو لڳندي پئي آ،
ڪڏهن هيءَ عذابن ۾ رجهندي پئي آ،
سدا زندگيءَ جا رهيا روپ آهن.
نرالا نرالا
جيئڻ جا حوالا
جوالا، جوالا!!
الائي چا سپنا اسان جا گهرن ٿا،
يا مرڪي پون ٿا يا چرڪي وچن ٿا،
سڪي! نيڻ پنهنجا چو هر دم رهيا هن؟
جهڙالا جهڙالا
جيئڻ جا حوالا
جوالا، جوالا!!
ڳلن تان ڪڏهن موتي وڪري وچن ٿا،
سوين عڪس نيڻن ۾ ٻڄن ڊهن ٿا،
ڪڏهن روح سڏڪي ۽ ڳائي ڪڏهن ٿو.
جمالا، جمالا
جيئڻ جا حوالا
جوالا، جوالا!!
نوان ڪيئي رستا جڙي پوندا آهن،
اداسين جا پيرا ڊهي ويندا آهن،
لکڻ ٿا لڳن جنهن سمي گيت شاعر.
جيالا، جيالا
جيئڻ جا حوالا
جوالا، جوالا!!
جوالا، جوالا!!

متان پاڻ تو ۾ وجائي نه ڪو،
انهيءَ لاءِ شايد جهلي لوڪ ٿو،
چري! گيت اهڙا نه چَئُہ.

وڏي من جي پيڙا ٿي ويتر وجي،
رڳو لڙڪ آڇي نه ٿي ڏي ڏئي،
ٿي هر سٽ ۾ جڻ پئي ٻري باهه ڪا،
هر لفظ تنهنجو وڍي هانءَ پيو،
چري! گيت اهڙا نه چَئُہ.

جو هٿ چنڊ ۾ ڪنهن کي ڳولهيندو هو،
ءِ لڙڪن جا موتي به روليندو هو،
اهو شخص هن شهر مان اوچتو،
الائي ته ڪاڏي ويو آ هليو،
چري! گيت اهڙا نه چَئُہ.



نه تون ننڊ پنهنجي اکين جي ڦٽاءِ،
ڏيئو آس جو ڪين گوري اجهاءِ،
ڪٿي تون وڃائي سکن جون گهڙيون،
حياتي سڄي روئجان پئي نه پوءِ،
چري! گيت اهڙا نه چَئه.

پرهه تائين آڪاس سڏڪا پريا،
سکي! سپئي منظر ها روئي پيا،
سڄي رات تارا رُنا ٿي پئي،
اداسيءَ وچان چنڊ چوندو رهيو،
چري! گيت اهڙا نه چئه.

سدا گيت شاعر جا سنگسار ٿيا،
اڌورا سوين خواب رهجي ويا،
زمانو هي آخر قلمڪار کي،
هميشه جهليندو ئي رهندو آ ڇو؟
چري! گيت اهڙا نه چئه
چري! گيت اهڙا نه چئه

وات اونداهه مان،
هو اڇي جي ڪٿان،
جيءُ ٻاري سڪي،
روشني مان ڪيان.
نيڻ هيڪر ڪٽي جي هو مرڪي ڏسي،
پيار هن تي بهارن ڪي پي ٿو اڇي،
هر نظاري ۾ ٿو عڪس هن جو رهي،
دل چوي هر گهڙي، هن کي ئي پئي ڏسان،
جيءُ ٻاري سڪي،
روشني مان ڪيان.
ڏس ته آڪاس ڪيڏو نه آهي اداس،
ڄڻ اسان جي خوشي هن کي آئي نه راس،
لڙڪ تنهنجا پرين! اپ ۾ تارن جيان،
او رتي مُڪُ ته ڪر، نيڻ تنهنجا اگهان،
جيءُ ٻاري سڪي،
روشني مان ڪيان.
خواب منهنجا رهن ٿا سپئي شبنمي،
سنگ تنهنجي جو جهومي پئي زندگي،
هٿ وڌائي ٻئي، ٻوڙندي ٿي اڇي،
اڄ خوشي اوچتو، درد جي ميڙ مان.
جيءُ ٻاري سڪي،
روشني مان ڪيان.
تو سوا هاڻي ڪاٿي سري ٿي پئي،
باهه لفظن ۾ ڄڻ ڪا ٻري ٿي پئي،
موت! مهلت ته ڏي مون کي ٿورڙي،
گيت هن لاءِ ڪي مان اڃان ڪجهه لکان،
جيءُ ٻاري سڪي،
روشني مان ڪيان.



ڪين گهرجي زندگي،
زندگيءَ جي ڪا خوشي
تو بنا او ڍوليا.
هر گهڙيءَ تون ساڻ هئين،
پيار جو مهراڻ هئين،
چوڏهينءَ جو چَنڊ تون،
ڪين ٿيندي چاندني
تو بنا او ڍوليا.
تنهنجا سپنا پئي ڏسان،
توکي ڇا ارپي ڇڏيان؟
منهنجي من تي وسي،
درد جي ڪا سانوڻي،
تو بنا او ڍوليا.
منهنجي من جي آس تون،
هر حَسين احساس تون.
هن سڄي سنسار ۾،
ڪا نه آهي دلڪشي،
تو بنا او ڍوليا.
جهنگ جهر رلندي وتي،
توکي ڳولهيندي وتي،
هر گهڙي بي چين آ،
منهنجي ساري شاعري،
تو بنا او ڍوليا.

مان جي ڪونهه هجان،
منهنجون ڪوتائون
تو سنگ رهنديون سانورا!
تڙپي تڙپي سڏڪي پونديون،
سوچن ۾ پوءِ الجهي پونديون،
مان ٿي سچ چوان،
پوءِ هي پيڙائون،
تو سنگ رهنديون سانورا!
هر پل منهنجو اڪيرون هوندءِ،
جيون! جهوريون جهيرون هوندءِ،
پو نہ پيار مٿان،
زُلفن جون ڇانئون،
توسنگ رهنديون سانورا!
چوڏس چڻ ڪا اوندهہ هوندئي،
هڪ هڪ ٿي سپ يادون ايندئي،
گونجيل اندر مان،
گهايل صدائون،
تو سنگ رهنديون سانورا!
منهنجي ساري لڙڪن جون،
لڙڪن هاڻن گيتن جون،
ٻڌجي درد وچان،
سَوَ سَوَ معنائون،
تو سنگ رهنديون سانورا!



مُرڪي مُرڪي توڙي ماڻي،
پوءِ بہ حياتي درد ڪهاڻي.

عشق ۾ ڪيڏو تڙپي پيئي،
پوءِ بہ ڪاٿي سمجهي پيئي،
ڪيڏي پيڙا مان ٿي گذري.
هاءِ اسان جي دل اياڻي.
مُرڪي مُرڪي توڙي ماڻي،
پوءِ بہ حياتي درد ڪهاڻي.

جيڪي ڪجهہ پي اندر ۾ هو،
نيڻن مان سو سڀ اٿلي پيو.
ماضيءَ جي اڄ مون وٽ موٽي،
آئي هئي ڪا ياد پراڻي.
مُرڪي مُرڪي توڙي ماڻي،
پوءِ بہ حياتي درد ڪهاڻي.

ڪيڏو سرتي سڏ ڪيو آهي،
سڏِڪي سڏڪي مرڪيو آهي،
مس مَس مَنَ ڪا مات ڪئي آ،
مَس مَس من جي آڳ اجهاڻي.
مُرڪي مُرڪي توڙي ماڻي،
پوءِ بہ حياتي درد ڪهاڻي.

مات جڏهن سڀ جذبا ٿين ٿا،
سُچّ جڏهن سڀ رستا ٿين ٿا،
خواب جڏهن ٿين پرزا، پرزا،
ايندو آ پوءِ اک ۾ پاڻي.
مُرڪي مُرڪي توڙي ماڻي،
پوءِ بہ حياتي درد ڪهاڻي.

گيت اسان جا ديوانا هن،
پيار جا سارا پروانا هن،
ساٿي پنهنجي گيتن ۾ آ،
پاڻ ٻنهي جي هڪ آڪاڻي.
مُرڪي مُرڪي توڙي ماڻي،
پوءِ بہ حياتي درد ڪهاڻي.



چؤطرف آ ڏرتي،
ڏرتيءَ ۾ او سڪي!
ٿي جلي پئي زندگي!

چاهہ ۾ ڪي رنجشون،
رنجشن جون تلخيون،
پيار ۾ پل لاءِ پي
ڪٿي ملي آ ڪا خوشي؟
ٿي جلي پئي زندگي!

ڪيڏو گهٻرائي ٿو هانءُ،
هن جي اڄ نظر ۾ آنءُ،
ڪيئن الاءِ ٿي پيس،
اوچتو ئي اجنبي؟
ٿي جلي پئي زندگي!

هر طرف آهي اماس،
من آ اونداهہ ۾ اداس،
ويو وڪوڙي وحشتون،
درد ۾ ڪا هيڪلي،
ٿي جلي پئي زندگي!

هو جڏهن کان ٿيو جدا،
آ بڻيو هر پل صدا،
هاڻ مون لئہ جڻ هتي،
کا نہ آهي روشني،
ٿي جلي پئي زندگي!

هي اکيون منهنجون اُڃيون،
توکي ڳولهن ٿيون پيون،
تنهنجي درشن کي پري،
مان ٿي سمجهان بندگي،
ٿي جلي پئي زندگي!

اڄ پرين آهي پري،
کا نہ ٿي ساعت سَري،
۽ اڪيلائين جا نانگ،
ٿا ڏنگن پيا هر گهڙي،
ٿي جلي پئي زندگي!
ٿي جلي پئي زندگي!



اڃهو ديپ نيڻن جا آهن اڃهاڻا،
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ، او راڻا.
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ او راڻا.

جڏهن کان پريتم! تو پنهنجو ڪيو آ،
تڏهن کان هي جيون ٿي رنگين پيو آ،
تکن ٿا پيا راهہ تنهنجي او سرتا!،
سدا منهنجي نيڻن ۾ سپنا نماڻا،
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ او راڻا.

تون جو روح جو ساز ڇيڙي ويو آن،
سڳو پيار جو مَنَ ۾ سوري ويو آن،
ملي ويو اٿم دل کي آرام ايڏو،
وساري ڇڏيم درد سارا پراڻا،
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ او راڻا.

هوا ڪيڏي چنچل مون کي اڄ لڳي ٿي،
پئي هورڙيان نانءُ تنهنجو کڻي ٿي،
مٺي مرڪ تنهنجي آ منهنجو جياپو،
۽ جهوري وجهن ٿا پرين! تنهنجا ماڻا،
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ او راڻا.

جڏهن کان مون تو لئہ ڪئي شاعري آ،
ملي سونهن گيتن کي ڪيڏي وئي آ،
کهاڻي محبت جي گيتن انهن ۾،
پئي جهلڪندي منهنجي گيتن پڇاڻان،
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ او راڻا.
نہ ڪر دير ايڏي هلي آ او راڻا.

پاڇو پوئين پهر جو،
الا! مان آهيان،
مون کي سار نہ تون.

ماٺ ۾ آءُ گذري ويندس،
خوشبو بڻجي اڏري ويندس،
ساڀيائن جي آس جو،
سپنو ڪو ناهيان.
مون کي سار نہ تون.

سمنڊ جيان سنسار ٿو پاسي،
جيون گم ٿيل پار ٿو پاسي،
ڇاٽان ٿي هن پونءِ تي،
آءُ ڇا آهيان.
مون کي سار نہ تون.

اوندهہ ڇانيل آ رڳ رڳ ۾،
سک جي ڇانءُ نہ آهي جڳ ۾،
آءُ سُجهندي لاءِ نئون،
سورج پئي ناهيان.
مون کي سار نہ تون.

جذبن جو اتساهن ڪارڻ،
سوڀ نئين جي راهن ڪارڻ،
ناڪامين جا پير ٿي،
ڇائنت تان ڏاهيان.
مون کي سار نہ تون.
مون کي سار نہ تون.



www.sindhsalamat.com



سارو آهي چاهہ منهنجي شاعري،
تنهنجي جڻ ساراهہ منهنجي شاعري.

نيڻ پئي ڪشڪول پنهنجا مان ڪيان.
خواب پنهنجا توکي سڀ ارپي ڇڏيان.
تنهنجون ڳالهيون گيت منهنجا ٿي پون،
تو مٿان ويساهہ منهنجي شاعري.

لوڪ تولئہ ٿي پيو جي ڌرتتي،
ڇانءُ ٿيندي توتي منهنجي زندگي،
اذيتن جي اُس ۾ هوندي سدا،
وِڪّ وِڪّ وٺراهہ منهنجي شاعري.

ڪيترا ڪنڊا پلي وڪريل هجن،
پير منهنجا ڪيڏا پي زخمي ٿين،
تو اڳيان اونداهہ ۾ ٿي ايندي مگر،
روشني ۾ راهہ منهنجي شاعري.

پل دنيا روڪي سپئي راهون ڪٽي،
ڏات تو کي سڏ ڪندي ٻانهون ڪٽي،
هر مصيبت ۾ جئينَ جو ٿي ڏئي،
مون کي ڪو اتساهہ منهنجي شاعري.



www.sindhsalamat.com

هو سپ تارا اُپٽ تي، ڇو ٿا شرمائن؟،
هَر هَر نيڻ کڻي پيا، جهٽ ۾ جهڪائن،
ڇڻ ٿا ڪنائن، ڳالهيون ڪنهن جي پيار جون.

ظاهر مرڪان پئي مگر اندر ۾ شمشان،
ڪيئي دل ۾ ٿا اٿن، يادن جا طوفان،
منهنجو من ويران، هن جي وئي کان پوءِ ٿيو.

آسڻ اکين ۾، رڳو هن جا ئي آهن،
هُن کان آءُ رُسي وڃان، ڇو ٿا ائين چاهن،
مون وٽ پيا ناهن، سپنا پرين کان سواءِ.





هاٿي کڻي آزاد ڪيو، قيدي منهنجو ساهه،
لفظ اماڙيون چوطرف، اندر ٻري باهه،
ڪوليو منهنجي راهه، آجو جيون ڪي ڪيو.

هر هنڌ ڳولهي ٿو پيو، پرينءَ جو پيرو،
تڏهن ڪهي پرڏيهه، مان آيو جوڳيئڙو،
هن ڪي ڳولهي ڏيو، پرين پنهنجي ڏيهه ۾.

ڪنهن جي ڪنهن جي درد جي ڇيڙي ڪو ڪٿا،
ڏک ۾ ڇڻ ڇڄي پئي، هيٺي دل هرڪا،
مون کي ڏسيو سا، جا سورن کان خالي هجي.

پنهنجي اندر کي پرين، جانچي ڏٺو مون،
مون ۾ رڳو تون، رهين ٿو هر پل پرين.

سکي ڪاري رات ۾، ڪيڏا نيڻ ٿميا،
چنڊ وڏائي هٿڙا، سارا لڙڪ اگهيا.
تنهن ڪانپوءِ پڇيا، منهنجا سارا درد هُن.

نيڻ مليا جو جيڏيون! پرين سان هڪ وار،
ٽُڪرا ٿي وئي، شيشي جي ديوار،
مون ڏي سَوَ سَوَ وار، پريتم نهاريو پيار مان.

ڪيڏي پيڙا آ ملي، هڪڙي جيون کي،
هوائون هاڻي وجي، چئجو ساجن کي،
منهنجي جوبن کي، رهڻو ناهي تو سوا.



تون ئي ڏس سانورا! تو بن ڪيئن جيئان؟
پائن جهاتيون لڙڪ ٿا هاڻي نيڻن مان،
تنهنجو ڏس پڇان، پل پل رستن کان پئي.

ساروڻين جي واءُ آ، چيڙيو ڪو سر گرم،
وياڪل جيون تي لڙي، پيار ڀري موسم،
هڪڙو ئي پريتم، آهي منهنجي مَنَ ۾.

اوجهل دنيا ٿي وئي، اکيون ٻوٽيم جو،
منهنجي سامهون هو، چهرو پنهنجي چنڊ جو.

منهنجي جوڀن جا سکي! سڀ رنگ چورائي،
ڪيڏانهن ويو سانورو، ننڊون ڦٽائي،
مون کي ريجهائي، ويو پنهنجي پيار سان.

ماں هڪ ننڍڙو سچ ۾ تون اتم احساس،
آءُ ذرو هڪ ڌوڙ جو، تون مون لئہ آڪاس،
جيڏا منهنجي آس، شال سدا هڪ ٿي وڃون.

خواب وڃايل اڄ، مليو آهي پل ڪن ۾،
مون کي ساڄن ۾، پنهنجو پيار ملي ويو.

اڃرو هر اندر هجي، اڃرو هي سنسار،
اوندهہ انڌوڪار، نڪري ساري ڏيهہ مان.

سج لٿو تارا جميا، اڃان انتظار،
مون کي تنهنجو پيار، وسريو ڪونهي ڪا گهڙي.

سارون تنهنجون سپرين! سانڍي ساهہ رکيم،
پر پوءِ ياد پيم، ساهہ بہ وڃڻو آ ڪڏهين.

ꙮ







وسڻ لئہ آيو وڏي، نيڻن منجهہ ڪڪر،
ڪچڙو دل جو گهر، ڍهي پوندو اوچتو.

چهرو چڻ تہ پهاڙ آ، اکڙيون آبشار،
وَسن سپ جمار، اوسيئڙي جي اوٽ ۾.

تو بن منهنجي اڱڻ تي، جا بہ لٿي آ شام،
منهنجا ٿهڪ تمام، سڏڪن ۾ مٽجي ويا.

منهنجي دل جي صحن تي، جيڪر رنگ اچي،
اڄ جي هوت اچي، مکڙيون سپ مهڪي پون.

رابيليءَ جي گل مٿان، سج جو جيئن چمڪو،
مون کي اهڙو ڪو، سپنو ٿو سڏڙا ڪري.

مون کان ڪيڏي پيار مان، پڇي پيو آڪاس،
آهين ڇو اداس؟، مکڙيءَ جهڙي ڇوڪري!.

جيڏا منهنجا نيڻ ها، ورهين کان بي خواب،
تن ۾ اڄ گلاب، ڦٽا تنهنجي پيار جا.

ڪالهه پرين! توڏانهن جو، خط لکيو هو آنءُ،
ان ۾ پنهنجو هانءُ، ويڙهي توڏي مون مُڪو،

آيا ڏکن ڏينهن، سرتيون سک ڇڏي ويا،
پور پرينءَ جا اڄ، اڇي اندر منجهه پيا،
سي پيي ڏينهن هيا، روز ملڻ ٿيندو هيو.

تنهنجون يادون مَنّ ۾، جڏهن پيي آيون،
سرتا! سرهايون، انگ، انگ ۾ وڪري ويون.

جيءَ ۾ جدائيءَ جا، اٿن ٿا طوفان،
پَنُ پَنُ ٿي ٿا ڇڻن، اندر جا ارمان،
دردن جا سامان، ڇوڏاري وڪري ويا.





سوچي سوچي او سڪي تپي سارو تن،
پوءِ اڇي ڪيئن من ۾ رهي هو رانجهن،
مون کي هي جيون، هاڻي ڪپي ڪين ٿو.

نيڻ مليا جو جيڏيون پرين سان هڪوار،
پرزا پرزا ٿي وئي شيشي جي ديوار،
مون ڏي سو سو وار، پريتم نهاريو پيارمان.

سکي ڪاري رات ۾ ڪيڏا نيڻ ٿميا،
چنڊ وڏائي هٿڙا سارا لڙڪ اگهيا،
تنهن کان پوءِ پڇيا، منهنجا درد هن .

اجرو هر اندر هجي، اجرو هي سنسار،
اوندهه انڌوڪار، نڪري ساري ڏيهه مان .

ڇهرو ڇڻ تہ پهاڙ آ، اکيون آبشار،
وسن سپ جمار، اوسيئڙي جي اوٽ ۾.

ٻئي نيڻ تنهنجا ڇو آلا سڪي!؟
وري ڪير اڄ ياد آيو اٿئي.
ڪرين ٿي هي ڪنهن لئه ڪشالا سڪي!؟
ٻئي نيڻ تنهنجا ڇو آلا سڪي!؟

وري گهاءَ ملندئي نرالا سڪي،
وري صحن ڪنهن لئه سجايو اٿئي،
ٻئي نيڻ تنهنجا ڇو آلا سڪي!؟
وري ڪير اڄ ياد آيو اٿئي.



ڪانهي ڪائي لِڪَ پرين ڪان،
جنهن ريءَ آ همراز نه ڪوئي،
سِڪَ مان گهرندس سِڪَ پرين ڪان.
ڪانهي ڪائي لِڪَ پرين ڪان.

ڏار ڪندي ڪيئن ڇڪَ پرينءَ ڪان،
هن بن وڄندو ساز نه ڪوئي،
ڪانهي ڪائي لِڪَ پرين ڪان،
جنهن ريءَ آ همراز نه ڪوئي.

لڙڪ ناهن لڪائڻ ڪي سولا پرين!
ڪيئن يادن کي سانڍي اندر ۾ رکون.
سخت ڪوسا جدائيءَ جا جهولا پرين!
لڙڪ ناهن لڪائڻ ڪي سولا پرين!

دل ۾ آيا ڪري درد ٽولا پرين!
آس ڪهڙي پلا ڪنهن پٿر ۾ رکون.
لڙڪ ناهن لڪائڻ ڪي سولا پرين!
ڪيئن يادن کي سانڍي اندر ۾ رکون.



اچانڪ وڇوڙو جڏهن آهي ٿيندو،
تڏهن اوپري لڳندي آهي هوا پي.
پيو روپ پل پل هو آهي مٽيندو،
اچانڪ وڇوڙو جڏهن آهي ٿيندو.

جڏهن آ ٽُٽُي ساٿ ساجن جو ويندو.
تہ گونگي ٿي پوندي آ دل جي صدا پي.
اچانڪ وڇوڙي جڏهن آهي ٿيندو،
تڏهن اوپري لڳندي آهي هوا پي.

لڳي سڪ تنهنجي هلي آ اوراٽا،
سدا ساهہ توکي ٿو ساري سنڀاري.
پيا نيڻ پيي ٿا نهارن نماٽا.
لڳي سڪ تنهنجي هلي آ اوراٽا.

اجان ديپ يادن جا ناهن اجهاٽا.
وڇوڙو نياڳو ٿو ماري جياري،
لڳي سڪ تنهنجي هلي آ اوراٽا،
سدا ساهہ توکي ٿو ساري سنڀاري.



تو جو لاتي ديرا او سانول
دل کي ڏاڍو اَلکو ٿي پيو،
وهم ٿيا هن ڍيرَ او سانول.
تو جو لاتي دير او سانول.

سورن کي پئي هِيَر او سانول.
هرڪو ساهہ بہ سڏکو ٿي پيو،
تو جو لاتي دير او سانول.
دل کي ڏاڍو اَلکو ٿي پيو.

ساڻ نہ سهيلي،
هوت بہ پَري آ، آءُ بہ اڪيلي.

جوين ڪيئن جهلجي؟
پاڻ پلي وجبو، پيار نہ ٿو پلجي.

ڇو رات رُني آهين!؟
ڇَڏُ ڪير اٿئي دل ۾، جنهن ڪي ٿي ايڏو چاهين.

اعتبار ٿڪو ناهي،
ٿي روز تڪيان راهون، تہ بہ پيار ٿڪو ناهي

مان توکان رُسي ويندس،
تون روز پڪاريندين، مان ڏور هلي ويندس.



سوچي هل سَرتي!
دوکا ڏيندي آ، وک، وک تي ڏرتي.

ڦُڙ ڦُڙ سنهڙو مينهن،
ياد پيم جاني! ننڊپڻ وارو نينهن.

عشق عبادت آ،
جيڏو وچ اونهو، اوڏي راحت آ.

سوچ بڻي زنجير،
ٽ ڪرا ٽڪرا دل، جذبو جذبو جهير.

## واپسي

اسان ٿڪ جيڪي اُڌارا وتا ها،
اهي ٿڪ هاڻي ورائي ڏيون ٿا.
ڪپي ڪا نہ ٿي هاڻ ڪا مرڪ زخمي،
اسان زهر جيون جو هرهر پيون ٿا.

ٿو صحرا لڳي پيو، هي سارو زمانو،
اڃا رو هتي هر ڪو اندر لڳي ٿو.
ڪا پيڙا ٿي هرپل وڌي هانءُ کي پئي،
ءِ هر لفظ من ۾، ٿي خنجر لڳي ٿو.

جهلي ڪو نہ ٿو، ڪو دعا لاءِ جهولي،
اگهي ٿو نہ ڪو ڪنهن جي نيڻن جا ڳوڙها.
هتي دل جي پيڙا، نہ ٿو ڪو بہ ڇاٽي،
ڇئون ڪنهن کي پنهنجا اسان دل جا اڌما

پلي هاڻي رستا سڏيندا رهن، پر،
هتي هاڻ ڪڏهن بہ موٽي نہ اچبو.
سپئي سڏ تنهنجا ڇڏي پنهنجي پويان،
پرين هاڻ تو کان هليو دور وڃبو.

꧁꧂





## اداسي

اسان جون راهون ڪڏهن نہ روڪيو،
اسان کي پلجي سڏي نہ ڪوئي،
اسان جي منزل اڃان اڳي آ،
اسان لئہ اک ڪا پوي نہ روئي،
اسان جو جيون هو ڪورو ڪاڳر،
جو پيار سان ڪو رنگي ويو آ.
جيءُ ۾ ڪائي آس سانڍي،
اسان کي پنهنجو ڪري ويو آ.
بي رنگ موسم ۾ رنگ آهي،
اوهان جي آهيو تہ مرڪ آهي،
اوهان بنا پَلَ اداس آهن،
گهڙي گهڙي ڇڻ تہ لڙڪ آهي،
اسان کي هاڻي ڪي آسرن جا،
گلاب ڪاغذ جا ڏيو نہ آڻي.
مان جنهن جي نيڻن جو خواب آهيان،
خدا! ڪري دل انهيءَ کي ماڻي.

꧁꧂

## چوليون

هو يادن جي درياهہ ۾،
سوچن جون چوليون.
اچانڪ اٿي ٿيون پون.

هي ساهن جا پنڇي،
اُڏي ڇو وڃن ٿا.
۽ پولار ڪنهن ۾ ،
لِڪي ڇو پون ٿا؟

رڳو دل اسان جي،
سڏيندي رهي ٿي.
ڪي خوابن جا گهرڙا،
اڏيندي رهي ٿي!

هيءَ دل آ ڇري،
ڪيس سمجهائي ڪو.
نہ ايندو ڪڏهن سو،
هليو ويو آ جيڪو.

ﮗﮘ





## ديپ

اسان نيڻ ٻاري ڪيا ديپ جنهن لئہ.
اهو پيي اسان کي ڪندو ياد هوندو.
ڪري ياد رنگين خوابن جون ڳالهيون،
اڪيلي ۾ ڪيڏو هو غمگين ٿيندو.
۽ تنها جڏهن ڪا لڙي شام هوندي،
تہ چهرو پرينءَ جو ٿيو زرد هوندو.
لڪايا تہ هوندا هُن ڳوڙها گهڻو ئي،
سڀئي چاهتون پنهنجون ارپي اسان کي،
اوسرتي! هو پنهنجي وجهي هِيرَ ويو آ،
سڄي رات چنڊ ساڻ اوريان ٿي ڳالهيون.
ڇڏي هيئن اسان کي هليو ڪير ويو آ،
اسان جا جڏهن پيي رُنا نيڻ آهن،
تہ لڙڪن کي ڇڻ ڪائي معنيٰ ملي ٿي.
ستارا اسان سان ٿا ڪن ريس ڪيڏي،
۽ چانڊوڪي وارن ۾ الجهي پوي ٿي،
انڌيري ۾ مون لاءِ هو سوجهرو آ،
۽ خاموشين ۾ هو ڄڻ ڪا صدا آ،
سندس پيار نٿهڻ ۾ ڄڻ ڇانورو آ،
معصوم هٿڙن جي ڄڻ ڪا دُعا آ.

ﮗﮘ

## ڇهنڊڙيون

توهان کي ٻہ لمحا اهي ياد هوندا،
محبت جي جنهن وقت ٿي ابتدا هئي.
پريشان لمحا اهي ياد هوندا،
جڏهن ابتدا ۾ ئي، ٿي انتها هئي.
هو تُوتَن جو وڻ ياد هوندو اوهان کي،
۽ ڪوئل جي ڪُوڪُو نہ هوندي وساري.
هر آهٽ تي ڏاڍو پريو ڇرڪ هوندو،
اداسين ۾، هر شام هوندي گذاري،
ڦٽي ننڊ نيٽڻ جي هر رات هوندي،
۽ رستن ۾ ويهي نهاريو تہ هوندو.
لڪائي لڪي هٿ تي نانءُ منهنجو،
اوهان مون کي پرپٽ پڪاريو تہ هوندو.
سي معصوم ڳالهيون ۽ معصوم واعدا،
نوان خواب ڪيئي اکين ۾ سجائي،
سدا لئہ پريتم! مان توکي ئي پايان،
پيو سارو سنسار دل تان پلائي،
توهان کي ٻہ لمحا اهي ياد هوندا،
محبت جي جنهن وقت ٿي ابتدا هئي.





## ڳوڙها

اسان جي اکين جا سي ڳوڙها نہ روڪيو،
اسان جون اکيون هاڻ برسڻ ٿيون چاهن،
هينئر هر گهڙي ۾ جلي جيءُ پيو ٿو،
۽ هاڻي چپن تي اُهي گيت ناهن.
اسان جي اکين جون ٻڌو ڳالهڙيون ڪي،
اسان اڄ رڳو خواب هڪڙي جي عيوض .
اکين جي شهر ۾ ٿي سنگسار وياسين،
ڏسڻ باغ شاداب هڪڙي جي عيوض ،
ٻُڌو هڪ ڪٿا اڄ اسان جي ٻہ دل جي،
نہ چاهيندي ٻي پاڻ وڇڙي وياسين.
۽ پوءِ آس پرچڻ جي هڪ من ۾ سانڍي،
اچانڪ ڪلياسين ۽ ڪلندي رناسين.

## مقدمہ سنڌ

ڪو باغي ٿئي ٿو
ڪو تڙپي اٿي ٿو.
لاش ڪنهن جو ڪٿي لڙهندو ملي ٿو
لهوءَ ساڻ رستا ڳاڙها ٿين ٿا
انسانيت تڙپي اٿي ٿي.
روز اخبارون
اسان جي بي حَسين جا
هوڪا ڏين ٿيون.
دل روئي پوي ٿي
چو مائن جون جهوليون
ويران ٿين ٿيون
ڪيئي چانورا هٿ
ڪپجي وڃن ٿا.
ڪشمير ڪي ڪوئي سنڌ چئي
يا سنڌ ڪي ڪشمير ڪو.
حالات اهي ئي رهيا ساڳيا
بس آهي تہ، آهي فرق ايترو
هو ڪشمير جي سڏ ۾
ڏين سڏ ٿا.
پر سنڌڙيءَ جا سڏڪا، ڪو ٻڌي ئي ڪو نہ ٿو
مقدمہ ڪشمير تہ وڙهي ٿا اڇن
سنڌ جو مقدمو وڙهي ڪير ٿو!؟؟



## خواب

هڪ خواب آڪاس تان
لهندو اچي ٿو
جڻ ناسي اکين ۾ ڪو
دنيا پري ٿو
اوچتو ئي ڪا خوشبو برسڻ لڳي ٿي،
۽ سورج جي ويتر وڌي روشني ٿي،
سڀ تارا افق جا،
هَٿ ۾ هٿ ڏيئي رقص ڪن ٿا.
۽ سالن کان ڪنهن جي،
اوسيئڙي ۾
پوڙهو ٿي ويل اداس چنڊ
مرڪڻ لڳي ٿو.
هوائون بہ ڏيرج سان ڳائڻ لڳن ٿيون.
منهنجي سڪيءَ.....!!
تنهن تي پڇيو
هي سارا هيج ڇا جا هن،
مون ٻڪندي هو چيو
او ڳهيلي!
هو شهزادو جيڪو دل ۾ وسي ٿو.
نانءُ جنهن تي ڏيهہ مهڪي پوي ٿو
اهو منهنجو پريتم.....
اچ منهنجي سپني ۾ ايندو.

## گلاب جي چانوَ ۾

مون کي اڄ بہ ياد آهي اهو زمانو
جڏهن آءٌ پنهنجا هڙ خواب
گلاب جي چانوَ ۾
وساري آئي هيس
ڪجهہ نہ رهيو باقي،
خالي خالي هٿڙا،
خالي خالي نيڻ
خوابن جي........!!
هاڻي تہ شايد لڙڪ بہ منهنجا ناهن رهيا.
تڏهن آءٌ خواب ڳولهڻ لڳس
پوءِ خبر پئي
ڪالهہ شام ڪوئي پوپٽ
سمورا خواب
پنهنجي پرن تي کڻي اڏري هليو ويو
اڄ بہ آءٌ
گم ٿيل خواب ورائڻ لئہ
هر ڇهري تي رستا جوڙيا هن.



## تون ڪڏهن ايندين!؟

تون ڪڏهن ايندين
”زندگي“!
ڏيئي جي آخري ٿمڪندڙ
لاٽ جيتري رهي آهي
بس ان ۾ ساهہ
نرتڪيءَ جي ٿڪل
قدمن جيترو رهيو آهي،
آڪاس جيڏو اوسيئڙو،
ڀلا ڪير ڪري؟
هاڻ تون ڀڏائي ڇڏ
تہ..............
تون ڪڏهن ايندين؟

## تاريخ جا نيڻ

تاريخ جا نيڻ ڪو درد پائن.
خواب ڪو پرزا ٿئي
چري دل صفا ڦٽڪڻ لڳي
۽ هوائن ۾ صفا دل پرجڻ لڳي
جيئن گلابن کي ڪو
ڇرڪندڙ ٽانڊن تي رکي ساڙڻ لڳي
جيئن رنگين پوپٽ ڪو
هاءِ وي روڊ تي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ملي،
يا!
ڪڏهن پيرڙا
هر راهه تي رت جا نشان ٺاهڻ لڳن
هر ساهه سڏڪو ٿئي
هر مرڪ ڪا لڙڪن جي
ريپر ۾ ويڙهيل ملي،
تون اداس نه ٿي پريتم...!!
اهو سڀ ماضي هيو،
هاڻي اهو سڀ ٿيندو نه هاڻي،
ڪوئي درد پيي نه هوندو پاڻ وٽ،
”حال“ ۽ مستقبل ۾ به ”مان“
تنهنجي آهيان ۽ تنهنجي رهندس
دل نگر ۾
منهنجا! چندرمان جهڙا اجرا پريتم
تون صرف ۽ صرف منهنجو آهين
۽ مان صرف ۽ صرف تنهنجي آهيان.



## ”نه مون کي سڏ جانءِ

ڏس!
مون کي نه سڏ جانءِ
مان وقت جو گذري ويل لمحو آهيان
هو اسان اڏايل دز
۽ پوپٽ جي پرن مان
ڇڏيل رنگ آهيان
مان دل جي اڪيلائي
۽ خاڪ ۾ وسا ميل
آخري ڇٽنگ آهيان.
چريا! نه مون کي سڏجانءِ
مَس مَس ته اجان
زندگيءَ جو قيد ڪاٽي
ساهه جو پنڇي آزاد ٿيو آ.

## ”صدا“

هي تاريڪيون،
۽ هي باريڪيون.
هي جيون جي عذابن ڪي،
ڪنائن ٿيون ٻڌائن ٿيون.
خوابن جي صدائن ڪي
اسان جي روح جا پاڇا.
پَيا ها تو مٿان ڪاٿي
اسان جي دل اڳي زخمي
اسان جو روح پڻ زخمي
۽ زخمي ڇڻ سڄو جيون
ڪڏهن ايندين؟
ٻڌاءِ مون ڪي.
جدائيءَ جي اڳ ڪي هِڪوار اجهائڻ لاءِ
ڪڏهن ايندين؟





## ”مٽيءَ جو ماڻهو“

مٽيءَ جهڙو پيارو ماڻهو،
مٽيءَ کان وڌ آهي پيارو،
مٽيءَ مان شاهڪار بڻائي،
ڪيئي گل گلزار بڻائي،
هڪ ڏينهن آخر ڪيئن هو ويئو...؟
منهنجي ننڍڙي نازڪ دل کي،
مٽيءَ جو ٿانءُ هو سمجهي،
پل ۾ ٽوڙي ويو هليو،
ڪيئن سمجهان ان کي جيڏيون...؟
دل ڪو ڪچڙو ٿانءُ ته ناهي،
دل پڇي ڪيئن پورا ٿي پئي،
مٽيءَ جو هڪ ٿانءُ پڄڻ تي،
اُداس ڪيڏو ٿيندو آهي،
دل جو منهنجي پرزا ٿي وئي،
ڇو هن کي ڪو احساس نه ٿيو آ،
ڪومل دل جو نازڪ ماڻهو،
آخر ڪيئن هو پٿر ٿي ويو،
هو مٽيءَ جهڙو پيارو ماڻهو،
مٽيءَ کان وڌ پيارو آهي...

جيئن رات اونده آٹڻ لڳي آ،
تيئن ماڳ تنها ئي ماٹڻ لڳي آ.
عذابن جي چاٹيءَ مان مرڪن جا لمحا
حياتي هٿن ساڻ چاٹڻ لڳي آ.

❊

پُونءِ ڪَرَ موڙي ٿي ۽ آڪاس جاڳي ٿو پوي.
مَنَ ۾ جيئڻ جو جذهن احساس جاڳي ٿو پوي.
محبتن جي ديس ۾ ان وقت چو منهنجا خدا!؟
نفرتن جو، اوچتو راڪاس جاڳي ٿو پوي.

❊

وسرن نہ ٿا گهڙي پي، هُو قربتن جا لمحا.
توڙي پيا ٿا گذرن هتي تهمتن جا لمحا.
اوندهہ جو قيد توڙي، نڪري پون ٿا جرڪي،
هن نفرتن جي وچ مان ڪجهہ محبتن جا لمحا.

❊

خاموشي ۾ ساز ڳالهائي ٿو.
تنهنجو هر انداز ڳالهائي ٿو.
تنهنجي نيٹن مان او راٹا،
اڄ پي ڪوئي راز ڳالهائي ٿو.





وڃ وراڪا زندگي.
سڏڪا سڏڪا زندگي.
تنهنجي وئي ڪان پوءِ رڳو،
الڪا الڪا زندگي.

❊

شباب پڙهي ڪو ٿو.
حجاب پڙهي ڪو ٿو.
لڙ ڪن ڪي لڪائڻ لئہ،
ڪتاب پڙهي ڪو ٿو.

❊

وفائن منهن چڏيو موڙي.
دعائن منهن چڏيو موڙي.
چيو مون سچ تہ دنيا جي،
خدائن مُنهن چڏيو موڙي.

❊

بي رنگو جيون وري رنگين ٿيندو ٿو وڃي.
عشق ۾ هي معاملو سنگين ٿيندو ٿو وڃي،
هاڻ مرڪيو ٿي پئي، پر ڪنهن ڏکويس اوچتو،
ڏس هو ڪلٹو چوڪرو، غمگين ٿيندو ٿو وڃي.

وري خـواب لـڙكــن ســان وكــري وڃــن ٿــا.
پــڄــي بــنــد اکــڙيــن جــا نــڪــري  وڃــن ٿــا.
هــي ڏک ڪــيــتــرو ٿــا اســان ســان نــڀــائــن،
۽ سک پــر مــان جــلــديءَ ســان گــذري وڃــن ٿــا.

❊

وري درد دل م ڪـو پـلـجـي رهـيـو آ.
جڏهن ڪان هو مون لئہ بدلجي رهيو آ.
مان ڄاڻان ٿي پيهر وري ڪو نہ ايندو،
ڪنڊن تي بدن ڇڻ گهلجي رهيو آ.

❊

مـان سـارن نـظـارن ڪـان وسـري ويـس.
۽ پنهنجن ئي پيارن ڪان وسري ويس.
ڇو هن پار پـهـچڻ جـي آس ڪان اڳ،
نـديءَ جـي ڪـنـارن ڪـان وسـري ويـس.

❊

اُڏري تــوکــان ڏور وڃــان مــان.
شــال نــہ تــوکــي يــاد اچــان مــان.
تــو لاءِ مــوتــيــن جــهــڙا ســپــنــا،
مــنــهــنــجــا پــريــتــم روز ڏســان مــان.



# سمبارا پبليڪيشن جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | ( شاعري) | سرڪش سنڌي |
| 3. اڌوري رچنا | ( شاعري) | منظور سمون |
| 4. ڀاراٽي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | ها شم لطيفي |
| 5. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | ( شاعري) | وفا عظيم جلباڻي |
| 7. اوجاڳيل آگريون | ( شاعري) | امر منصور چوهاڻ |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | ( شاعري) | "شاد" جلباڻي |
| 9. رڻ رڙيون ٿو ڪري | ( شاعري) | نسرين الطاف |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو |
| 11. شاهہ لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ |
| 12. ڪنيس ڪويچن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري |
| 13. دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين "فدا" |
| 14. سويرن جا اُلڪا | ( شاعري) | ملزم سومرو |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | ( شاعري) | علي اظهار |
| 17. ڇا؟ | ( شاعري) | منظور سمون |
| 18. سار جا رستا | ( شاعري) | فرحان اچڻ |
| 19. اکين ۾ مند ميهنوڳي | ( شاعري) | سائل پيرزادو |
| 20. سُڌِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي |
| 21. بڇھڙي آنکھ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو |
| 22. ڀانڊي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | ( شاعري) | شاهن "پياسي" گبول |
| 24. هينئڙي منجهہ هڳاءُ | ( شاعري) | مخمور رضا |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | ( شاعري) | فهميده شرف بلوچ |
| 26. دل صحرا، سمنڊ اکيون | ( شاعري) | شاد جلباڻي |